
بچن آنند



آتم درشی ست چت پرمانند صاحب

جئہ سچدانند



اصل ايڪتا جو آواز

رچيتا

ستچت سائين پرمانند صاحب

پرڪاشڪ

شري هري اوم لعل

شري سمرت مهاگيان يگيه (٦٩)

شري ستگرو ورسي مهوتسو (١٠)

دفعو ١٨)   نومبر ١٩٩١   (ڪاپيون ١٠٠٠

سڀ حق واسطا قائم   قيمت ٣-٠٠ روپيه

شري پرمانند ڀنڊار

پوسٽ ڪنکل هردوار ؛ ڪار بمبئي - ٥٢

پرشن اُتر

پرشن: هن دنيا ۾ رهڻ مان فائدو ڪنهنکي آهي ۽ نقصان ڪنهنکي آهي؟

اُتر: جيڪو روٽي مالڪ جي ٿو ڪائي ۽ حڪم مَن جو ٿو مڃي. تنهنکي سراسر نقصان ٿو رسي. جيڪو رهي هن جهان ۾ ٿو ۽ وهي هن جهان لاءِ ٿو اُنجو هت شاد مان آهي.

پرشن: ڪهڙن ماڻهن جي صحبت کان پاسو ڪرڻ گهرجي؟

اُتر: (۱) ڪوڙي کان جيڪو توکي هر ڪنهن وقت پيو ٺڳيندو. (۲) هنڌيءَ کان جيڪو تنهنجو قيمتي وقت وڃائي ڇڏيندو. (۳) ڪروڌيءَ کان جيڪو تنهنجي فائدي مان نقصان ڪري ڇڏيندو. (۴) بڇڙي کان جيڪو توکان وقت تي پنجي پاسو ڪندو. (۵) رشوتخور کان جيڪو توکي ٿوري لقمي تي وڪڻي ڇڏيندو.

پرشن: سچ جي شائق کي ڪيئن گذارڻ گهرجي؟

اُتر: (۱) ڏک ۾ صبر رکڻ. (۲) لاپ جو ايمان نه ڪرڻ. (۳) اگيان کي ويري سمجهڻ. (۴) موت لاءِ تيار رهڻ.

پرشن: اوچ ڪوٽيءَ جو مهاپرش ڪنهنکي چئجي؟

اُتر: جنهن پنهنجي پورائيءَ لاءِ جڙ ۽ پيل جي وڻ مثل اونهو وڃي اصليت هٿ ڪئي آهي ۽ ٻاهران ٻين جي ڇانوَ لاءِ وڻ جي شاخائن ۽ گلن مثل وستار پائي رهيو آهي.



جاڻڻهار جي جاڻ

ڪيئن چوان ڪنهن کي اڳيان، جاڻ جاڻڻهار جي؛
وجهه وٺي ويچار اچو، حاجت ناهه اظهار جي.

اَڄ سارو سنسار اصل جاڻ کان اڻڄاڻ ٿي معمولي من اندرين سان جاڻڻ ۽ اهڙن وشيه ڀوڳن جي وس ٿيندو وڃي ٿو. گيتا ۾ اسٿر پرڄيه وارو منش انکي چيو ويو آهي، جيڪو جاڻڻ ۽ اهڙن پدارٿن کان اڳتي، پنهنجي جاڻ جاڻڻهار روپ کي سڃاڻي آنند ۾ اسٿت رهي ٿو.

پيارا پاٺڪو! هي پورڻ آنند جو ڀنڊار ۽ اصلي جاڻ کي جاڻڻ لاءِ گڻ گراهي سڄڻن جي گهر ڪرڻ تي ورِي ارڙهون دفعو ڇپائي ظاهر ڪيو وڃي ٿو، جنهن کي پريم جي سڌ ۾ پڙهڻ سان دل شاد آباد ۽ آزاد ٿيڻ لڳي ٿي. اها پيار دل چئجي، جنهن کي سائينءَ جي صفت مان الڪس نه اچي. اها ڪانئر دل آهي، جنهن کي وشيه ڀوڳن ڀوڳڻ مان ڪڏهن ڪراهت نٿي اچي ۽ اها سڙيل دل ٿئي ٿي، جا سنت وچن جي پڙهڻ سان سوسجز نه ٿئي. هن پستڪ ۾ صرفي ٻ نگر

ڇا انهيءَ جو نالو جيون آ

۱. ڪي پيار ڪجي اقرار ڪجي،
ڪي ڪانڌ ٻڌي گهر ٻار ڪجي؛
۽ مطلب جو وهنوار ڪجي،
ڇا انهيءَ جو نالو جيون آ.

۲. ڪ ٻهڙو ڪجي ڪولهڙو ڪجي،
غمگين اچي دلگير هجي؛
ڪڏي ڀلو ٻڌين ڪڏي ٻرو ڪجي،
ڇا انهيءَ جو نالو جيون آ.

۳. ڪڏهن ڪُوڙ ڪپٽ مغرور رهي،
ڪڏهن چاهه چنتا ۾ چُور رهي؛
ڪڏهن هار جيت مخمور رهي،
ڇا انهيءَ جو نالو جيون آ.

۴. هي مان مٺي سمان مٺي،
انهي چنتن ۾ ٻيتران رلي؛
چت هيڻن ٻلي ڪڏي هرڻن ٻلي،
ڇا انهيءَ جو نالو جيون آ.

۵. ”پرماتما“ آتما ۾ رهه تون سدا،
چئي گمراهيءَ جا ڪم مدا؛
چڙهه چيٽن چاڙهي چاڙهه ادا،
ٻاره سنگر تو مختيار ڪندا.

وشيه سوچي

سنڌي پڙهڻ ۽ سلوڪن جي

تي چڙهي ٻڌڻ ۽ ڪافيون وڙڪ، وڙائڻ ۽ سڀني آتم جاڳرتيءَ جي اُنهن سان ڀرپور آهن. جنهن ڪري لاهوتي سُر ۽ چوڻ سان روحاني خزاني جا هيرا، موتي، لعل ٻاهر ظاهر ڪرڻ لڳندا. سچ جي شانتيءَ لاءِ جڻ موج مستيءَ جو دروازو کُليل هوندو.

هن پستڪ ۾ ڀهاري آنندڙ اوهان کي هڪ سؤ سترهن ۱۱۷ ٻڌڻ سنڌيءَ ۽ هنديءَ ۾ پڙهڻ لاءِ ملندا. وري هر هڪ ٻڌڻ جي مٿان اُنهيءَ اشاري جو سلوڪ ڏنل آهي. پريمي پاٺڪن کي هن ٻڌڻ آنند ۾ هڪ سؤ سترهن لاهوتي ڪافين سان هڪ سؤ سترهن سلوڪن جي سکيا جو دُرلڀ لاڀ به پراپت ٿيندو.

آشا آهي ته سچ جا شائق هن ٻڌڻ آنند جي سرلن سازن تي ٻڌي ٻڌائڻ سان سچ پچ مُڪت منزل اصل ايڪتا جي حاصل ڪندا. اوم آنند!!

شري ست چت پرمانند صاحب

Printed by Shri M. P. Raichandani
at Asha Printers, Hathi Bhata, Ajmer
and Published by Shri Hari Om Lal
S/o. Sat Chit Parmanand Sahib, Shri Parmanand Bhandar,
Kankhal P. O. Hardwar (U.P.) & Khar-Bombay-52.



پيارو گرمک سچو شيواڌاري ڀائي صاحبداس

هندي ڀڄنن ۽ سلوڪن جي سوچي

پريمين جي پڪار

—: پستڪن ملڻ جا هنڌ :—

آشرم جا سڀئي ڇپيل پستڪ کار بمبئي، ڪنکل-هردوار، احمدآباد، اندور، ڀوپال، دهلي، گواليار، بنارس، اُجين، لکنؤ، بنگلور، مدراس، سڪندرآباد، الهاس نگر، سيلم، اَجمير، رائگڙهه، نڙياد، ڀيلوڙي، ديواس ۽ برهانپور جي سڀني آنند منڊلين ۾ ملي سگهن ٿا.

* جئہ سچدانند *

ڀڄن آنند

پرارٿنا

۱. ڪرپاشيل ڪرڻانڌ سوامي،
وشو نينتا انترجامي،
اڇنت آنند آگم اپارا،
ست چت آنند جا ڀنڊارا.

۲. آد جڳاد چراچر جيون،
سڪم شڪتي شوپري پورن،
جل، ٿل، پون، اگن، آڪاش،
روي ششي روشن ٿو پرڪاش.

۳. رشي مني يوگي ڌيان لڳائن،
آنند مئہ تي آنت نہ پائن،
جيئن ماڻر کي سکہ جي آشا،
دين ديال ٿرپت ڪر پياسا.

۴. درگم سگم ٿئي ٿتڪال،
جنهن تي ٿئي پرڀو پاڻ ديال،

اسانجو صابلداس

ڪڻ ڳرهڪ جا ياد اچن ٿا، مٺڙا ٻول جنهنجا ڪنن پئن ٿا،
ڀالو ڀروماند پيارو، ڀانئي صابلداس پيارو.

ڀائي صابلداس اصل شڪارپور جي پرسان سلطان ڪوٽ ڳوٺ ۾ رهندو هو. جتان ڀروچڻ جو سامان وٺڻ لاءِ شڪارپور ايندو هو. ٿوري ٿوري هنجي پرمت سڀني سائينءَ سان لڳي وئي. پوءِ ته هر بارس تي ۽ هر چنڊ راس جي شڀ موقعي تي سڀني سائينءَ جو درشن ڪرڻ لاءِ شڪارپور اچڻي ويندو هو. دربار ڪانپور ۽ هردوار اچڻ نواس ڪرڻ لڳو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ سڀني سائينءَ جي سيوا ۾ باقي پنهنجو جيون ارپڻ ڪري ڇڏيائين ۽ سڀ جيون پنهنجي مڙ ر واڻيءَ سان سڀني سائينءَ جي مهما جو ڳاڻ جيڪر هن ڪيو آهي، اهو ٻيو ڪو نه ڪري سگهندو. شري سنگر ڏيو صاحبن جي نرواڻ تي وڃڻ ڪانپوري سندس چت گهڻو اداس رهندو هو ۽ انهن تي چوندو هو ته مونکي ٻه اوڏانهن پنهنجو. پر تڏهن به سڀني سائينءَ جي مهما ڳائيندو ئي رهيو. ڪجهه وقت طبيعت ٺيڪ نه رهڻ ڪري، تاريخ ١ فيبروري ١٩٩٠ع سائين جن جي پير ڏانهن ۾ سمائجي ويو.

جب تم آئي جڳت ۾ لوڪ هسي تم روءِ
ڪر چل ائسي ڪرڻي تم هسو جڳ روءِ.

* ٻڌجهڻو ٻوڌ *

سلوڪ -

پنجهتر پربـوڌ، سٺي سمرٿ ديـو جـو؛
ڦـرني کان فـارغ ٿي، پنهنجو پاڻ کي شوڌ؛
ٿہ ويري رهي نہ وروڌ، اصل آدويتي روپ ۾.

ٻڌن صُوفي ڍنگ (١)

ديو مليو اوڌوت،
چاھہ ڇڏي بي چاھہ وٺي ويو،
مست مليو مضبُوط،
ڪاھہ ڇڏي بي ڪاھہ وٺي ويو.

١. بي غم بي حد بي پرواهي،
خودي ڇڏي ماڻن خدائي،
صدق ڏنو ثابُوت، راھہ ڇڏي بي راھہ وٺي ويو.

٢. جتي جاءِ جتن جي ناهين،
ساڌن اِندريون ويا موڪلائي،
جنم نڪوجمدوت، ساھہ ڇڏي بي ساھہ وٺي ويو.

٣. جيوپڻي جو جادو لاهي،
ڪرمن جا سڀ وهم وڃائي،
ڀرم ڪيڻائون ڀوت،
ڪاھہ ڇڏي بي ڪاھہ وٺي ويو.

ستگر روپ مهر جو ڌاري،
اچرج ظاهر ٿي ڏيکاري.

٥. ديهه اپمان وشيه رس ڀوڳي،
جنم جنم جو اُگرو روڳي،
پاپي پرم ۾ ڳولهيون سک کي،
ڪري ڪشالا سهُون ڏا ڏک کي.

٦. ڪوُڙ ڪپٽ ۽ پاپ ڪمايوُن،
سک سنتوش نه دل ۾ پاتيوُن،
پرپوُ پتتن جا آڌار،
تو بن مٺيا سڀ وهنوار.

٧. سچا سهايڪ سڀ جي نيري،
من جو جهيڙو ڪير نبيري،
ڏئي بخشش آنند جي ڌارا،
ته مٽن من مان وشيه وڪارا.

٨. تون هي اپيه دان جو داتا،
جڳه جيوُن جا ڪوُڙا ناتا،
جنهنجي پنج رکين تون پاٺهين،
سو لوکي هر جاءِ سپاٺين.

٩. آد انت تون مڌيه سمان،
اَتل مهما لڀج مهان،
"پرمانند" ۾ پاڻ وسين ٿو،
نالو ڏيئي رواج رکين ٿو.

* بس ڪر بس ڪر *

سلوڪ- ويٺي سا ويٺي، باقي رکه رهت سان؛
ڌرم مها واڪن جو، پس آندر پيهي؛
نه اصل اُهوئي، گرمکه گيان وان ٿئين.

پڄن صوفي ڍنگه (٣)

بس ڪر بس ڪر آهي ڀڳوان،
آدم ٿي هت آيو آهه - ٽيڪ.

١. جنهنکي ٽيو بنواس تمام،
جو دشرت گهر آيو رام،
ميٽي راوڻ جو اڀمان، آدم ٿي هت آيو آ.

٢. گهر گهر ليلا ڪئي جنهن ڪان،
ارجن کي ڏيئي پڻ ه گيان،
مونکان جدا نه آهي جهان، آدم ٿي هت آيو آ.

٣. مايا اوديا پهد وڃائي،
چدا ڀاس چد آڪاش ئي آهي،
من چڏي ڏي غير گمان، آدم ٿي هت آيو آ.

٤. سمرت ويهي سرت جڳائي،
لاهوتي اهه لکه لکائي،
"پرمانند" پاڻ حيران، آدم ٿي هت آيو آ.

۴. ”پرمانند“ برهمانند پائي،
ڇڙن اندر بي ڇڙن ڳالهائي،
لڳهي ويو لاهوت، آهہ ڇڏي بي آهہ وڃي ويو.

* عام ڪان ڀاسي *

سلوڪ - ڇـهالـر ڇايـو، ٿيو سفر سجايـو،
تياڳہ سان تياري ڪري، دل بي دل بڻايو،
پنهنجو پرايو، ”پرمانند“ ٿيو پاڻ پر.

ڪافي (۲)

جيڪي عام ڪان ڀاسي ٿا اورن،
اُهي سواس سمرٿيون ٿا سورن - ٽيڪ.

۱. ٿن شريرن ڪان ٽپي، ويا خيال ڀيائيءَ جا کپي،
جاپ اجاپيءَ جا جپي، اُهي نور ترِيا جي ٽرن.

۲. يادگيرن جون فرياديون،
مان ٽون جون ميٽي اُپاڌيون،
موج جڙن ماڻي سماڌيون،
اُهي ذات صفائيءَ جي جڙن.

۳. چاهہ ڇڏي هن لوڪ جي، راهہ ڇڏي پرلوڪ جي،
لاٽ لفون لڳہ لوڪ جي، اُهي راز روحاني ٽي رهن.

۴. پاڻ ”پرمانند“ سڃاڻو، لڪش رکي آلڪش کي ڄاڻو
ماڻ ۽ وڃڻ جو ناڻو،
اُهي ساڪيءَ ٽان سڀ ٿا گهورن.

* ڏيو ڪوڏس *

سلوڪ-

مان ۽ منهنجو ڇڏي ڀڳوان، آيس شرڻ ڪرپا نڌان؛
سڦل ڏن من ٿئي مهاراج، پريم شيوا ۽ پوُرن ڪاج؛
هردو منهنجو ٿئي نشڪام،
جت ڪٿ ڀاسي سک جو ڌام؛
جيوت اُڌت ڪريان جڳديش،
"پرمانند" کي ٿئي آسيس.

ڀڄن (٥)

سڱرو ڏيو ڪوڏس، منهنجو ڪونه هلي ٿو وس.

١. جواني فاني ويئي ديواني،
ڪيم نه ڪوئي ڪم لاثاني،
ڏاڍي ڪاڌم ڪس، منهنجو ڪونه هلي ٿو وس.

٢. گهميم ڪيئي ڏڙا ٽڪاڻا،
مليا نه مونکي روح جا راڻا،
ڏيو گيان ڏيان جو گس، منهنجو ڪونه هلي ٿو وس.

٣. چاڻ جو چاڏڻ هار ئي آهين،
هت هُت چو ٿو پاڻ ڦاسائين،
ويري وشين وس، منهنجو ڪونه هلي ٿو وس.

٤. ڪوُڙو نام روپ جو جهيڙو،
ساکي ٿي ڏون ڪر نبيرو،
"پرمانند" پيو پس، منهنجو ڪونه هلي ٿو وس.

* جيو جدائيءَ ۾ ڇا ڄاڻي *

سلوڪ- ٻياسي ٻلهار سڀڄي سورت ديئو ڏان؛
جن جيو وڃائي ٻيءُ ڪيو نهه سنسي نروار؛
اُپڄي نپڄي لين ٿئي سپني جو سنسار؛
”پرمانند“ ٻهار آنئي ڀهر اُنهيءَ ۾.

ڀڄن (٣)

آتما جو اعليٰ شان، جيئُ جدائيءَ ۾ ڇا ڄاڻي.

١. سڄ چنڊ ڪان هُوَ اڳيئي آهي،
ڀاڻ ئي ڀاڻ ۾ ٻڌي ڳالهائي،
ڄاڙو ڏنهنجو جهان، جيئُ جدائيءَ ۾ ڇا ڄاڻي.

٢. جيئُ آپاسي من مندر ۾، آتما ٻاهر ڏيئن آندر ۾،
ساڪي صاف صبحان، جيئُ جدائيءَ ۾ ڇا ڄاڻي.

٣. بيخود ٿي سو بيحد ماڻي،
هِت هُت وينو ڀاڻ سڃاڻي،
بي غم انس بيان، جيئُ جدائيءَ ۾ ڇا ڄاڻي.

۴. ٻنڌ موڪيه جي مٽي ٻيائي،
اُچڻ وڃڻ جي جاءِ نه ڪائي،
”پرمانند“ پرماڻ، جيئُ جدائيءَ ۾ ڇا ڄاڻي.

* چمن جو چمتڪار *

سلوڪ -
آهه سدائين آهه، پاسي ٿو سڀ ڪاٿي هين؛
پيارو پراڻن کان لڳي، جت بي ڪا بيائي نانهه؛
" پرمانند " نه پائڻن، پرم پلائو پاڻ هه.

پيجن (٧)

تنهنجي ته آندر هه، تنهنجي ته آندر هه،
چمن جو چمتڪار، چو وڃي ٻئي پار - ٽيڪ

١. سواس سواس هه سوهنگ هلي ٿو،
رڳ رڳ هه اهو راز کلي ٿو،
ساڪي سرجن هار - تنهنجي ته آندر هه ....

٢. جاڳرت هه جاڳي اُهو ئي،
سپني هه ثابت ٿيو سوئي،
سکوپت جو سک سار - تنهنجي ته آندر هه ....

٣. پنجن تتن جو بڻيو آ پسارو،
هرڪو ڪري ٿو پنهنجو گذارو،
جاڻين نه جاڻڻ هار - تنهنجي ته آندر هه ....

٤. ستگر کان ساڃهه ملي آ،
جڙ چيتن جي ڳنڍ کلي آ،
ڪير ڪري انڪار - تنهنجي ته آندر هه ....

* چمتن چاڙهيءَ تي *

سلوڪ- گرمکه جو گذران، سدا سار وچن تي؛
جنهنکي ڏنو ستگروءَ، سک سمجهه جو دان؛
رکي نه رتيءَ جيترو، آندر ۾ اڀمان؛
جاڻي سڀ جهان، چمتڪار چيتن جو.

ڪافي (٦)

هن چيتن چاڙهيءَ تي، مسافر ڪوڪوئي چڙهندو
ڪوڪوئي چڙهندو، ساکي صاف ٻڌي رهندو-
تيڪ.

١. بگمين وات بنا پنڌ جي، منزل معاف بنا هنڌ جي
اڇ-رچ ظاهر پيو ڏيندو- مسافر....

٢. ڪنکي ڪرم ويا کاهي، ڪنکي چاه وڏو باهي
ڪو ويو لاهيءَ مان لهندو- مسافر....

٣. ڪنکي مان ٽوُن جي مايا، ڪنکي جيوَ ايش ڇايا
ڪو ويو پوڻيوُن پاٺ پڙهندو- مسافر...

٤. چيڏ جاني زباني، هيءَ ڳالهه ٿي لاثاني
روحاني رمزسان رڙهندو- مسافر....

٥. پائي گيان گروءَ گادي، ڪر سهجي سماڌي
پل پل "پرمانند" پسندو- مسافر....

* ڪيئن ٻڌو *

سلوڪ - اُٺهتر ڪتر، پيئي خيالن وچ ۾؛
جيءَ بدلجي ٻيءَ ٿيو، ڇڏي پرشن اُتر؛
سنسا سُر مٽي ويا، حاضر ٿيو هر هر؛
”پرمانند“ نظر لڳي رهي لاهوت لي.

ڪافي (٩)

مفت ڇڏي سلطان ڪيئن ٻڌيو دروان،
ڪيئن ٻڌيو دروان، باندي ٿيو بدنام.

١. من دروازو دل دروازو،
ڏسڻ ٻڌڻ ڪان ٿئي نه آجو،
نُورن جو نُوران - ڪيئن ٻڌيو ....

٢. چت چاڪر کي چوٽ چڙهائي،
چنتا چاهه ۾ قيد ڪرائي،
هرس ڪيو حيوان - ڪيئن ٻڌيو ....

٣. جهان جوڙن جي جنگ آهي،
هتان هيٺان ويا هارائي،
نفعو ڪري نقصان - ڪيئن ٻڌيو ....

٤. اوڏون ٿي ڪئي اُدائي؛
خودي ڇڏي ماڻن خدائي،
دق ٿيا دم حقان - ڪيئن ٻڌيو ....

٥. "پرمانند" ڀاڻ ۾ ڀائي،
لقب ڇڏيائين سڀئي لاهي،
نيارو ٿي نروار- تنهنجي ته اندر ۾....

* ڏسان جاتي ڪاٿي *

سلوڪ- اچي خيال ڪمال، ٿيو جڏي مون؛
جاتي ٿو ڏسان، ڪاٿي هڪ ٿون؛
تو باجهه منا، پوءِ توُن مون هون؛
هڪ هڪڙائيءَ ۾ ساڻ نيئون.

ڪافي (٨)

سائين توکي سنڀاري، ڏسان جاتي ڪاٿي،
ٻرن ۽ ٻنن ۾، نديءَ جي ڪناري - ٽيڪ.

١. ڏوريندي ڏينهن ۾، جُهڙن ۽ مينهن ۾،
طوفاني سيئن ۾، صبر جي ستاري. سائين....

٢. من جي منن ۾، خوشيءَ ۽ غمن ۾،
هلندڙ دمن ۾، لڳي تنهنجي لاڙي. سائين....

٣. ٻدني ٻنداون، ڳٽن ۽ سياون،
نرن ۽ نارين، ناٿي تو نظاري. سائين....

٤. "پرمانند" پئي آ، سڌ سڄڻ سهي آ،
نه ڪنهن ڳالهه ڪئي آ، ستگر سهاري. سائين....

١. نُوران نُور ٿي ڀرپُور، نڪي نيري نڪي دُور،
حاضر تو ۾ تون حضُور، لنؤ لنؤ ۾ لڳو لڳڪو.
هيءَ راند ....
٦. "پرماننــد" پاڻ آهين، صفت ڳنو سڳاڻين؛
ڳنو مسي ويد واڻي، چڙ خيالن سندو ڳنڪو.
هيءَ راند ....

* رڪي ٻنل سان نـاتو *

سلوڪ -
ڀلو سڀ سنسار، ديـهـي مني پـاڻ کي؛
جنهي مـري دکـ سهي، چـڏي نـ اهنڪار؛
ورلي ڪنهن گرمک ڪيو، واسٽوڪ جو ويچار؛
ساڪـي سرجـن هار، پـائي پـرتو پاڻ ۾.

ڪافي (١١)

ڇا تون آهين، ڇا تو ڄاتو،
رکي ٻنل سان نـاتو، پار نـ پاتو.
١. ديهہ وارن سان دُور رکين ٿو،
چيتن چاندڻ ڪانہ لکين ٿو؛
موهہ ممت ۾ ماتـو، پار نـ پاتو.
٢. رات وڃي وري ڏينهن اچي ٿو،
سُورج ۾ ڏس مچ مچي ٿو؛
تو چونہ نينهڙو لاتو، پار نـ پاتو.

٥. "پرمانند" پاڻ ئي آهي،
ڇاڙه اُنهيءَ ئي ٻيهي ڇتائي،
آهي سڀ صبحان - ڪيئن ٻڌيو ....

* راند عمر ساري *

سلوڪ-
اڻ هوندي راند رچي، نارائڻ نياڻت جي …
تنهن ۾ پيلا ڪيترا، غافل لوڪ اُچي …
پاڻ ڪٺي پڌري ڪئي، ڳر ڏيئي راهه سچي …
محبت منجهه مچي، حاضر ڏناءون حق ڪي …

ڪافي (١٠)

هيءَ راند عمر ساري، اٿي ڇل پل جو ڇتڪو …
نڪو مور نه منظور، رڳو ڳالهين سندو ڳتڪو …
١. مٿيءَ جا بت ٺٺن ٿا، مٿيءَ ئي ناز ڪن ٿا …
مٿي ئي مار ڪائي، مٿي ٻڌيو آ مٿڪو …
هيءَ راند ....
٢. ڇڏي هڪ جي هيڪڙائي، ساجن ٻڌيو سؤدائي …
رکي چاهه جي چريائي، اڻ ڄاڻ آهي اَٽڪيو …
هيءَ راند ....
٣. مان جيءَ جان آهيان، مان ڪرم ٿو ڪمايان …
مان من منيدو پايان، اهو ڪيان آهي جٽڪو …
هيءَ راند ....

٣. درشتا بي رنگ درشيہ رنگن ۾؛
پاڻ ڀلائي ڀيو ڍنگن ۾؛
ڇڏي ساکيءَ جو سومان. بي رنگيءَ جو ....
٤. واڏيءَ واچ کان آهين پري ٽوُن؛
ڏئي ڪيڏي ڏس ڏيان ڏري ٽوُن؛
ٿي گيانا ٻڌا نج گيان. بي رنگيءَ جو ....
٥. "پرمانند" ڀئي پاڻ لڪايو؛
آڪٽ ڪٿي اچرج ۾ آيو؛
سڻي سمرٿ جو فرمان. بي رنگيءَ جو ....

* اوم جو آواز *

سلوڪ-
ستهہ ستہ وجي، انهد ناد اونڪار جو؛
ٿريئہ شانت جڳت ۾، گهر گهر گيان گجي؛
ايڪتا سک اندر ۾، راڳيوُن ڏينهن رجي؛
ڏوري پراڻ ٽجي، ٽہ ٻہ پائي "پرمانند" کي.

ڀڄن (١٣)

آدي اوم جو آواز،
ڪن هردي ڪنول مان ٻڌو،
ڪن ويد وصل مان ٻڌو،
ڪن ڪاريہ منگل مان ٻڌو،
ڪن غفا جهنگل مان ٻڌو. آدي ....

٣. لنؤ وارن جي لات سهاڻي،
ڏاٽ ٻات ٻي ڪي پراڻي؛
ڪٽي خيالن جو ڪالو، پار نه پالو.

٤. "پرمانند" پاڻ ۾ پيهي،
خودي بنا ڏون آهين اُهوئي؛
ڳالهه وچاءِ نه والو، پار نه پالو.

* ٻي رنگي *

سلوڪ-
سڻاهڻ سنيار، رهي نه رنگيءَ جيتري؛
ساڄن سڪائل هڪ ٿيو، ڪيئن وڃي پڇي پار؛
"پرمانند" اِسرار، اَنيؤ اَکين ريءَ ٿيو.

ڀڄن (١٢)

ٻي رنگيءَ جو بيان،
ڪيئن ٻڌي مان ڪيئن ٻڌايان.

١. آڪار رنگن ۾، گهر ٻار رنگن ۾؛
ويچار رنگن ۾، وهنوار رنگن ۾؛
رنگن ريجهايو جهان. ٻي رنگيءَ جو ....

٢. ڪاٿي پوٿيون پاٺ پڙهين ٿو،
ڪاٿي نانا ڪرم ڪرين ٿو؛
ڪاٿي آشا جو اَپمان. ٻي رنگيءَ جو ....

شبد (١٤)

ٿي سگهو ڏس ڏينهن ٿيو، اڄ آنند پنڊار جو،
نينهن رکي نروار ٿيءُ، ڏس پس ادا ڏاتار جو-
ٽيڪ.

١. ٿيڙي طمعا هي ترڪ ڪر،
حرفت هجت سي غـرق ڪر،
ڦيرن ڦندن کون فرق ڪر،
شائـق ٿـيءُ سچ سار جـو.

٢. دين ڌرم مذهب متا، وچي طرف غرض جي گتا،
سائين ڏيکي پنهنجي ستا، پڌ رو ڪيو پنڌ پار جو.

٣. غفلت ۾ گهائل گهڻا، سکه لاءِ ڪرن ڪوڙيون ڳڻا،
بي لاز بازيءَ ۾ ٻڏيا، جنکي گيان ناهن گرنار جو.

٤. ستگر سچي اِئين صاف چيو،
ساڪيءَ آندر سوراج ڪيو،
اصليت ۾ اُلـٽي ويو، آهي عيش اِسرار جو.

٥. "پرمانند" ڪي پائي ڪري،
جدا نه ٿيءُ تون ذري ذري،
سڪ صبر ڪي پري پري، ڪامل ٿيءُ ڪردار جو.

١. جوڳي جنهن جو جوڳ لڳائن،
ڏياني جنهنکي ڏيان ۾ ڏيائن،
جپي جپي انت نه پائن،
ڪن انحد ناد مان پڌو. آدي ....
٢. اڪار ويراٽ جو آ واچڪ،
اڪار وشنو وس جو پالڪ،
مڪار شو سپ جو آ ڪارڪ،
ڪن ايڪتا جو دڳ وڏو. آدي ....
٣. سرڳڻ نرگڻ روپ انهيءَ جا،
استول سوکيم ڪارڻ تنهنجا،
جوڙي جاڳرت سپنا پنهنجا،
ڪن ترپا جو ڳجهه لڌو. آدي ....
٤. رکي لئه چيتن ڌي لاڙو،
ميٺي مان ٽون جو مونجهارو،
ٽيندو اندر باهر اجارو،
پائي "پرمانند" کي سکهو. آدي ....

* ٽي سکهو *

سلوڪ - وقت جاڳڻ جو آهه تنهنجو؛
سوهڻ نان سات ڌي ڪنهنجو؛
سکهو ڪر ياد سر پنهنجو؛
ته سڙ ۾ ٽين سڄڻ سڻنجو.

* ڳالھہ عجب جي *

سلوڪ- تياسي ترنڪال آديو ديس اڳم جو؛
جيو آتما روپ ٿيو ڇو رهي بيحال؛
ڪيڏي ڀول ڀلال ڀلو "پرمانند" ۾.

ڪافي (١٦)

ڳالھہ عجب هيءَ ڪنهنکي نہ سانڻ جي؛
سمرٿ صاف سڻائي هليو ويو- ٽيڪ.

١. سڀ تو ۾ آهہ، تون سڀ ناهين؛
گھرج بنا ڇو غرض ڀيو پائين؛
بيحد مان حد مڃائي هليو ويو. ڳالھہ....

٢. ذرو نہ جدائي، هڪي هڪڙائي؛
پاڻ ستل هو، خيال خدائي؛
پاڻ ۾ پاڻ پسائي هليو ويو. ڳالھہ....

٣. ڪرن گدائي گدائيءَ وارا؛
سي ڪيئن سمجهن شاهي اِشارا؛
ويجهو ويجهن سان وهاري هليو ويو. ڳالھہ....

٤. گُونگي جو گيان ٻوڙن جي ٻولي؛
ساڻ بنا ڪيئن سمجهي پرولي؛
لهر مان بحر بڻائي هليو ويو. ڳالھہ....

٥. "پرمانند" فڪرن جا ڦند؛
پار پئي ٿيا سڀلا پنڌ؛
چوڻ چوائڻ چڪائي هليو ويو. ڳالھہ....

* ڀڳوان تنهنجي ڀڄن ۾ *

سلوڪ -

آدم ايشور جي وچ ۾، هڪ ٽڙ جو ڦير ناهي؛
ڀڄ ٻولي جو ڀهانو، جيڪو خاڪ جو ڍير آهي؛
جيڪو ٽوڙ ۾ ٻوليون ڦو ٻولي، سڄ ڇڏ اُهو ڪير آهي.

ڀڄن (١٥)

ڀڳوان تنهنجي ڀڄن ۾ آهي هميشه هوندو؛
آهي هميشه هوندو، ڇل ول نڪو ڇاهيندو - ٽيڪ.

١. ٽون ٽون ڪندو پيو ٽرڪ ڪر،
موتڪي مٺائي غرق ڪر؛
هن ۾ نه هن ۾ فرق ڪر، ڀوءِ سڌ ۾ سڌ پيو ڏيندو.

٢. وساهه وٺ وشواس ڪر،
ويري ورهين جا ناس ڪر؛
سواسن ۾ سوهنگ واس ڪر، ٻيعد جو ڀاءِ ڀريندو.

٣. جڳه جڳه ڇون ٿا جنهنڪي، پس پاڻ ۾ تنهنڪي؛
ڇڏ ٽنگ راز روح ڪي، آڳه ڪان آڳي لنگهيندو.

٤. هيءَ ٿي اَڪٿ ڪهاڻي، ڀهڄي نه من ٻڌ واڻي؛
پنڌر ڪري ٿي ڀاڻي، لنوَ سان لنگهي جو ايندو.

٥ پاڙهڻ ۾ "پرمانند" ٿي، گهارڻ ۾ چيتن چند ٿي؛
سڀ کان جدا سڀ هند ٿي، وچ موج ۾ مچيندو.

* گياني رهندا *

...لوڪ-

...ياني سپ گهوري، سکه ڇڏيا سر سکه ٿون؛
...سمجهي ڇڏيائين سرگه کي ٻه، ٿريه منجهه ٿوري؛
...ور ويـنـو اوري، سدا سپريـن سان.

ڪافي (١٨)

گياني رهندا گيان ۾، ايندا نه جيؤ آيمان ۾- ٽيڪ.

... هيء ڪرم جي ڪايا ڇڏي،
دل سندي دعوا ڇڏي؛
مان ٿؤن جي مايا ڇڏي، هوندا حقيقي شان ۾.

... آڪاش ۾ اوڪاش ٿي، سؤرج ۾ پرڪاش ٿي؛
هـوا ۾ هلاس ٿـي، حيرت سندي حقان ۾.

... جاڻ سڄاڻ جي سنڌي، هرحال جي نيڪي بدي؛
لوڪ پرلوڪ جي ڪنڌي، ٿرندا ويا نرواڻ ۾.

... سون سنگين کي سڌي، ايڪي عجائب ۾ گڏي؛
نينهن جا نـانـا اڏي، موڪيه جي ميدان ۾.

... "پرمانند" پـرماڻ ۾، گيتا ڏسو ء پراڻ ۾؛
سورت سچي جي ٻيان ۾، پيدي مايا پگوان ۾.

* ٻيو ڪم نہ ڪر *

سلوڪ-

ٿبي ڏيئي پاڻ ۾ پسان جان پيهي
نڪي خلق، نڪي ملڪ، نڪي آميئي
آسين ڳولهيون جنهنکي، ٿياسي اسيئي
بي والي سڀ ويئي، جو هاڪ پرين جي هڪڙي.

ڪافي (١٧)

پاڻ کي پاڻ ۾ گم ڪر، ٻيو ڪم نہ ڪر- ٽيڪ.

١. ڪرڙو هو سو ڪري چڪين،
پرڙو هو سو پري چڪين؛
ديھ مانش جي ڏري چڪين، هاڻي وري نہ ڏر.

٢. خيالن جي راند ساري، خيالن جي اِنتظاري؛
خيالن ڪئي خواري، خيالن جو خيال گم ڪر.

٣. چڏ نام روپ ڏاهي، وينئين چو خود وڃائي؛
بوڙو بڌي ڳالهائي، ڳالهين جو ڳالھ گم ڪر.

٤. پس پاڻ ۾ ڏون پيهي، ويندا وڪار بيئي؛
هڪ دويت ٻيو ڏنيئي، دنيا جو دام گم ڪر!

٥. "پرمانند" چا پڇاڙي، آهي نڪا اڳياڙي؛
چيتن جي چمڪ ساري، چيتن ۾ چاھ کي گم ڪر.

* اڇانڪ *

ڪ -

گر سنڌي شبد سان، درسيو دسوون دوار؛
م پلٽائي جن ڪيو، بيمد بي آختيار؛
دايون موتي ويون، لُون لُون ٿي گلزار؛
ي چڙهيو خمار، "پرمانند" پٿو تنڪي.

ڪافي (۲۰)

اچي ٿي اچانڪ، دل ٿي لانواري؛
لهريون لنگهي لوڏا، پڳو پڻ پاري. ٽيڪ.
ڏايو ڏهيو ڏاهه، مرشد بي پرواهه؛
سليو جن سماءُ، برهه ڪئي بهاري.
پانيؤن پلو پال، اُڏيو گيان گلال؛
لؤن لؤن رهي لال، خالص ملي خماري.
پڻان نڪي پوڙو، سڪ سجڻ سوڙهو؛
ويو وچ وڇوڙو، چڙهي ڏني چاڙهي.
مليؤن سي مختياريون، ڏسو يار جون ياريون؛
پکيون پر پياريون، هڪ ٿي هڪواري.
"پرمانند" پنهنجو، لڌو سڪ سهنجو؛
پائي گيان گهر جو، ڪئي آءُ قراري.

* آيا مهر ڀريا *

سلوڪ-

ڀرماگر جي ڀيڙ مان، جن اڃي ٻڏائي ڏير؛
دربل دين اياڻ کي، جن اڃي ڪنيو سک سير؛
جنهن ستگر جي سوپ سان، سوُنهان منجهه سرير؛
ٽوڙي ڪوريان مٽيو مهمير،
ٿي ڀجن ٿو "پرمانند" جا.

ڀڄن (١٩)

ڏري ڪرديو ديا، آيا مهر ڀريا؛
درشن هرشن سان، تتا من ٺريا. ٽيڪ.

١. اُترا ڪنڌ جي آنند، جوڳي جوڳ ۾ رهيا؛
سٽي حال هيٺن جو، غئبي غيب ڏوُن وريا.
٢. رتيوُن ستيوُن ساڻ ٿيون کيان جا گل چڙهيا؛
ڏيان ڌرم تياڳ جا، ڇايا ڇتر جهليا.
٣. رڙهي راهه تن سندي، محبت مچ ٻريا؛
ڪونيوُن دليوُن خاڪ ٿيون، سچ جا سوُرهه ڪڙيا.
٤. هري جوڙي حيرت، مايا جار مون مڙهيا؛
گر گيان گدا سان، گهوگها غم جا ٽريا.
٥. "پرمانند" گر گوبند، ٻيڻي روپ هڪ رهيا؛
هن ٻٽائي بازي، هن جي تار مون ترِيا.

" پـرمانند " اُپڪار ڪـرن جا،
جـدائـيءَ ۾ لاهي نـه سگهبا؛
رڪـه نظر ۾ نظر مـلائـي. پيا ....

* ويٺهن وساري *

ڪ-

و سپ وسار، آڻ ڏني ڪـي يـاد ڪر؛
ن ڪنپرماري مٽيءَ کي ٽيڻن من پنهنجي ڪي مار
ڪو ڏيڻو بار، جنهن سان پسين پرينءَ کي.

ڪافي (٢٢)

يٺهن لڱهي ويئه ڪيترا، ويٺين وساري؛
سال لڱهي ويئه ....
ن مايا جي مغرور ۾، هن ڪوڙ ۽ بدوڙ ۾؛
اهه چنٽا چوُر ۾، دل کي ڏناري. ڏيٺهن ....
الاپڻ بولن ۾ ويو، جوڀن پوڳن وس ڪيو؛
يابو بوجهن پيو، ٿو غمن ۾ گهاري. ڏيٺهن ....
جاڳي پنهنجي جوش مان،
خيال ڪر تون هوش مان؛
سار اسار جي ٻنڌنچ مان،
ڏس ٽار مان ٽاري. ڏيٺهن ....
" پرمانند" پرماڻ ۾، خودي ڪيي چڏ خام ۾؛
موج مستي جام ۾، سوهنگ سنپاري. ڏيٺهن ....

* سائين ستگرو *

سلوڪ-

بيحد بي پرواهه، ڪامل ڪرامت جا ڏٺي؛
انساني صورت مان، جن اُلٽي ڪيو اُمراءِ؛
ڪرم ڪوٽ ڪلپن جا، جن ڪٽي ڪيو نرواهه؛
"پرمانند" پساءِ، ٿيو رهڻ سهڻ سڪدام جو.

ڀڄن (٢١)

سائين ستگرو آهي،
ٻيا سوين وچ پنڌ ڀڄائي.

١. شرڌيءَ ۾ سا ڪيات ڇپائين،
برهم ويتا برهم روپ ڪي پائين؛
رکي صدق صبر سان ٿاهي. ٻيا ....

٢. ستگرو ديو نه اندرين من آ،
نام روپ جو اُلي نه غم آ؛
ٿو بيغم راهه بتائي. ٻيا ....

٣. ديوي ديوتا راضي ٿين ٿا،
ڪامنائن جا ڪوٽ پرين ٿا؛
تان به چنتا چاهه لپائي. ٻيا ....

٤. پاڙ اُلڪه سائين چوي نه ڪڪه،
ستگرو سڏايو حق کي حق؛
ورهين جا وهم وڃائي. ٻيا ....

* پريو پريتم *

ڪ- نه ڌن جي خواهش، نه تن جي خواهش؛
خواهش رڳو ٿي، تنهنجي درسڻ جي!
سڀ ۾ آنند توُن، تو ۾ آهه سڀ ڪجهه؛
ڪوشش ڪريان هرهنڌ توکي ڏسڻ جي!

ڀڄن (۲۴)

ريو پريتم جنهن وساريو،
هاءِ جنم اهول بگاڙيو. ٽيڪ.
تنهنجا شان شوُنق جا ڪانا، هي نه ڪنڻ ۾ ٽين بگانا؛
مو ڪويته ڪيل ۾ سارو. هاءِ جنم....
تنهنجو جوڀن ۽ جواني، گري جيئن برف جو پاڻي؛
ڪوئي ڪيئه نه پراُپڪارو. هاءِ جنم....
جو جو شاستر ويد وکاڻيو،
موُرکه اُلٽو ئي تنهنکي جاڻيو؛
ني موهه مٽن جو موُنجهارو. هاءِ جنم....
تنهنجا ڪرم هن ڀيڙيءَ سمان،
جنهن ۾ ويٺو ٿي آنهن اڻجاڻ؛
هري ندي ٿي ڏوُر ڪنارو. هاءِ جنم....
ٿي سمجهڻ جي راهه اِهائي،
"پرمانند" جنهن توڙ نباهي؛
ڪري گيان گنگا ۾ گذارو. هاءِ جنم....

* اٺ ڄاڻ *

سلوڪ-

ڀوڳن ۾ ڀي حال، ڀلي بند و پاڻ ٿيو؛
هنسا منسا ۾ رهي، رکي خام خيال؛
پاپ پڇ دکه ڏنڌ جو، وسن ڪيو وصال؛
جڏي ستگر مليو ديال، تڏي "پرمانند" ٿيو پاڻ ۾.

شبد (٢٣)

اڄاڻ رهڻ ڪهڙي ڪم جو،
تو ڇا سمجهي ڇا سمجهو؟ ٺيڪ.

١. سمجهي سک سنسار ۾ جاني، بار ڪنيئه نت غم جو؛
حق ته حقانيءَ کي ڏنئه، وساري، پاليئه ٻکرو جم جو.

٢. بي اِنصاف اِنصاف نه ڪيڙءِ،
ڪيئن تن مليو مانش جو؛
صاف صفائي ڪانه ڏني تو، ستگر نه ڪيئه سڄڻ جو.

٣. ويهي ويچار ڪري ڏس دل ۾،
ڪير ٿنهنجو ٿون ڪنهنجو؛
ويساه وس تي ڪين ڪجانءِ، واقف ٿيءُ وطن جو.

٤. سهي سڃاڻج سوئي پاڻ کي، غلطيءَ ۾ متان ڳڏ جو؛
لاڳاپا هن لوڪ جا لاهي، ڪڍ خيال خوديءَ جو.

٥. پيالو "پرمانند" ستگر کون، وڃي وٺ وحدت جو؛
ڪڍي خواري چوراسيءَ واري، سرمون سائي سمجو.

اوڏون جي ڳالهہ عجب آهہ،
سمجهيو اِهو صاف سبب آ؛
پاڙون پٽن ٿا پاڻ، اُهي ذاڪر ڏاهي ويهارن ٿا.
"پرمانند" پئو پيش اُنهنجي،
قلب جي ڪنجي هٿ جنهين جي؛
سهي ڪري سڪ ساڻ اُهي مهرجا مينهن وسائن ٿا.

* ماڻ *

وڪ-
ي اوکو ڪم، گرمک گياني ٽيڻ؛
ڪ سختيون سهڻ سر لي، پيو گلائن جو غم؛
ن تهل ۾ ٽڙندو رهي، چوٽون چيري ڏس چم؛
ي دم ٿي رکي قدم، تڏي پاس "پرمانند" ٿئي.

شبد (٢٦)

ملڻ مهانگو آهي، متان ڪو پلي پاڻ لڳائي. ٽيڪ
سانگو ڪري نہ ساه جو، گڻ گونگن جا ڳائي؛
بوڙو پيائيءَ ڪان رهي، ٻاجهہ گرن جي پائي.
سامن سنگ نہ سٽرو، ٽڙڪيا ڪيئي ٽڪائي؛
حجت هلي ٿي ڪانڪا، ڪينو ڪبر وڃائي.
وٿي سمرٿي سچ جي، سواسون سواس سمائي؛
رش ڪارڻ دوس جي، درد دلين ۾ دکائي.
" پرمانند" پسڻ جا، هرڪو پور پڇائي؛
مڙج نہ ملندي ٽڪي، جنکي لنؤ ٿي لڳائي.

* اوڌوت *

سلوڪ -
أصلي اوڌوتن جي، آتي هيءَ رهاڻ؛
ڪسي ٽيرڪمان کي، نون طرف طمع جي تاڻ؛
نا نت ڪان نرباڻ ٿي، پنهنجو پاڻ سڃاڻ؛
جت جانب ڪانسواءِ ٻي ڪنهنجي ناهين ڪاڻ؛
”پرمانند“ پيو ماڻ، موجان ماڻن جهڙيون.

ڪافي (٢٥)

ڪيا اوڌوتن اِنصاف،
جيڪي رمز سان رام ريجهائن ٿا؛
رمز سان رام ريجهائن ٿا،
أهي دل ۾ درشن پائن ٿا. ٽيڪ.

١. پوٿيون پنا پڙهي پڙهائي،
سنسا شوڪ ڇڏيائون ساڙي؛
سڀ ۾ ڏنائون سار، أهي وچ جا وهم وڃائن ٿا.

٢. درد دنيا جي ڪون ٿي آجو،
ڪوليائون خاص خزانو پنهنجو؛
ڪين نه ٻي ڪا ڪاڻ،
أهي مڪتيون موجان ماڻن ٿا.

٣. غيب جي اندر غوطو ماري،
جت چنچل چيتن ٿي چاڙهي؛
عجب ڏسي اِسرار أهي ان جي ٽپت ٻجهائن ٿا.

* گمراھہ *

ڪ -

ن سان سڦل، گرمک ٿئي گر گيان مان؛
رندڙ ڦرني سواس کي، ڏي جوڳہ جڳت جو جهل؛
رج آھنڪار کي، جاڙي مايا ڇل؛
ر ڪري نہ ڀل، "پرمانند" پنبار کان.

ڪافِي (٢٨)

ڙنکي ڪير ڪري گمراھہ،
جنکي سچ جو سڌ سماءَ. ٽيڪ.

ويهي وچ بزار ۾، ڪن ون ون جو ڙہ واپار؛
بوليوُن ٿا پاھرون ڪرن، پر آندر بي پرواھہ؛
جنکي سچ جو سڌ سماءَ.

موڙي ساگر سپ جا، گهري لڌو جن داءَ؛
ڏيڻ ڙن کي ڏاھہ سان، آھي سپ اُفراءَ؛
جنکي سچ جو سڌ سماءَ.

حجت مان پڏائڻ جا، اُهو دنيا جو ڙہ درياءَ؛
غوطن سنديءَ غار ڪون، ڙارن ڪيو ڙراءَ؛
جنکي سچ جو سڌ سماءَ.

پائي "پرمانند" کي، پوءِ گهارن ڪين گنهگار؛
ڇڏي ڇهريءَ چاھہ کي، لڌو لاھوُتن لقاءَ؛
جنکي سچ جو سڌ سماءَ،
ڙنکي ڪير ڪري گمراھہ.

⁕ اکل لال ⁕

سلوڪ -

هڪ ايڪانت ۾ سائينا، ٿيون ساپرشن جو سنگ؛
پرڀو ملائي جن کي، ڀوي نہ تن کي ڀنگ؛
منزل تن جي مات ۾، رسي رهائي رنگ؛
"پرمانند" اُمنگ، گهٽي نہ تن جي گهر مان.

شبد (٢٧)

لکل تون لال آهين، ڪنهنکي نٿو ٻڌائين؛
هن ڪرم جي ڪوٺيءَ ۾، هن دال ۽ روٽيءَ ۾؛
ڪڪ پن وچهي ٿو رهائين. لکل تون....

١. چمڪو تنهنجو چوڌاري، بيحد ڪري بهاري؛
سج چنڊ کان سونهن نياري، ٻولين ٻڌين ڳالهائين.

٢. ٻڙتو پنهنجن ڪوشن ۾، ٥ن ٻڌي پراڻ تن ۾؛
اُهاءِ تي اندرين ۾، جيءَ جان ٿو سڏائين!

٣. ملي تون مهد جن سان، سچن اوپارکن سان؛
وٺي ديد دل سان، ديدار خود کي پائئين!

٤. جاڻن جي جاڻ تون آنءِ، موجن جي ماڻ تون آنءِ؛
قدرت جي کاڻ تون آنءِ، چو بات ۾ ٻڌائين!

٥. سپنو تو ۾ بڻيو آ، ڪيئن تون سپني ۾ آئين؛
اُها ڳجهي ڳجهارت، سايون نٿو سلائين.

٦. "پرمانند" پر ڪان پاسو، پس پاڻ ۾ تماشو؛
ٿي خريدار خاصو، سڀڪي ڏيئي سڀ پائين!

* غمن ۾ *

سلوڪ- هوُ ڏسن ڏوُن نہ ڏس اکيون آڙائي؛
گهر ڇڏي گمراهہ ٿئي، خطا سو ڪائي؛
"پرمانند آهي، پر سڀاڻ ڀاڻ ۾.

ڪافي (٣٠)

ڇو ٿو گهمين غمن ۾، هن چاهہ جي چمن ۾.
١. ڦولن ۾ ڦوُل ڏوُن آنءِ، ٿارين ۾ موُل ڏوُن آنءِ؛
رس ۾ اُصوُل ڏوُن آنءِ، ڇا ڀوُر ۽ پڻن ۾.
٢. صوُرت جو سوُر ڏون آنءِ،
محبت جو موُر ڏون آنءِ؛
نئنن ۾ نوُر ڏون آنءِ، اُپ عرش ۽ اَمن ۾.
٣. نقطا نمونا جيئي، خيالن جي راند ايهي؛
لڪ ڇپ آندر ٿي ٿئيئي، دماغ ۽ دلين ۾.
٤. ڪير آن ڪنهنڪي ٿو ڳولهين،
گمراهہ گهر نہ ڦولين؛
چيئن ڇپيو ٿي ڇولي، هن هوش جي حدن ۾.
٥. "پرمانند" جيئن پالي، تيئن پاءِ دل ۾ جهالي؛
ڇڏ حيف جي حيالي، درويش ٿي ڏ دمن ۾.

* فارغ *

سلوڪ-
عرصو آڻ صديءِ جو، پرک سان پورو ٿيو؛

* زندگي *

سلوڪ-

آڇا ٻــہ آهن ، سڀ نـہ ويا سنسار مان
قــتل قــاتــل دلين کي ، ٽــا جوڙي جاڳائن
پولا پـرم اندر جا ، هڪ لحظي منجهہ لاهين
" پـرمانند " پائين ، سي آنجن ايڪتا عام کي

ڪافي (٢٩)

زندگي ناتو نيائڻ لاءِ ، لنگهي لاهوت کان آيا . ٽيڪ

١. بدن ني خاڪ اڪسيري ، اکين ۾ آب موهيري
گود ۾ گيان جاگيري ، سخاوت جا ڪيا سعي

٢. لکي تن کي ڪو لنؤ لاهي ،
صدق ثابوت سان ڪاهي
موڳي دنيدار جي جاءِ ناهي ،
سوين حيلا ڪري هاريا

٣. اُتي ٻهڄي ڪي ويڙا وير ، برہ جن ني بٺائي پيڙ
تري توڪل طوفاني سير ، ويڇا ورهين جا لاهي

٤. پريم ۾ پيو " پرمانند " چئي ،
سڄن ساڪن ني سوگهو رهي
اندر جا ڳجهہ توُن ڳولهي لهہ ،
جنهن ۾ اڻي اڻ ملهي ماڻ

آهي "پرمانند" پاڻ ۾، سائو ستگر سائين ۽ گهر؛
هاڻي غرق ڏياسي غرض ڪون،
اُهو پائي پرين سندو پدر.

* نج گمان *

وڪ-
-گر سندي شبد سان، معلُوم ڪيو جن مُول؛
ڪم ورڏي سم ڪري، ميٺيائون استُول؛
طو ماري گهر ۾، ٿيا آرامي آنڪُول؛
پرمانند" داسُول، اُهي حق آندر حقان ٿيا.

ڀڄن (۳۲)

نج گيان ۽ جهان، سو ڀڳوان اِهو آهه؛
فرمان اِهو آهه.

وڃن ڏار ڏن هزار، ٻوليُون ٻولن ٻاهران؛
نظر نظر ۾ نُوران، نگهبان اِهو آهه.
پري ڀائنڊ پرڀوءَ ڪي، سڪه نه سانجهي صبُوح ڪي؛
جوڙي يوگه سڌيءَ ڪي، سو نرواڻ اِهو آهه.
بنا گيان ڏٺي نه پان، نڪو ڪائڻ نه اِشنان؛
نڪو ويد نه ودوان، بيابان اِهو آهه.
ڏسڻ وارو ڏسڻ بيٺي، ٻٽيا ڇا مُون گجهه اهوئي؛
انيڪ آد جڳاد جوئي، اڏشٽان اِهو آهه.

آپڻ سوپڻ آڌ سپ، جيئن وهڪرو نديءَ جو؛
لهي لاڳاپو سهج ويو، نيڪي ۽ بديءَ جو؛
"پرمانند" وڏيءَ جو، نشيد سان ناٺو ٿيو.

ڪافي (۳۱)

آهي فارغ فڪرن کون فڪر،
جنهنکي ڪونهي ڪرمن جو ڪڪر. ٽيڪ.

۱. اُهي پاڻ ۾ پرڻا رهن،
جاڻي ساهه کان سوگهو دلبر؛
ڪڍي پلائو بيکم جو، جن کوليو وحدت ٽون وکڙ.

۲. ڪي چون ٿا کونه جاڻي،
ڪي پڙهيل پورو پرميشور.
ماڻهن جي ته مثال کون، آهي سچن ساڳيو صبر.

۳. اُهي خواب جاڻي خلق کي،
کن سپ سان سپ جهڙو گذر؛
صورت ۾ سيکي ڏسي،
جن بوڙيو بيائيءَ جو ذڪر.

۴. ڪي پٽ ڏسي پلجي پيا،
کياڻون کين ڏوهن ٽي ڏر؛
پهتا اُهي ڪي پارکو، ميٽي هميشه جو حشر.

* ڪهڻ چوان *

ڪ -

ر ذات جوڳين جي، جان منجهون جاڳي؛

سنياسي سيوڙا، اهي ويس نہ ويراڳي؛

ل لامڪان جي، جن جهد ڪري جهاڳي؛

ٿيا ساڳي، "پرمانند" اڳہ اڳہ جا.

ڪافي (٣٤)

ڪيئن چوان ڪنهنجي اڳيان،

هيءَ ڳالهہ ڇاڏٺار جي؛

جهہ وٽي ويجها اچو، حاجت ناهہ اظهار جي. ٽيڪ

ڇهہ اٿارهن چار چون ٿا،

سڌ نہ سڃڻ ڪنهنجي سار جي؛

ڌياني رهن ٿا ڌيان ۾، حق رکي حقدار جي.

سمرت ستل کي سجاڳہ ڪيو، ڳنڍ کلي اسرار جي؛

جنهنکي جاٿم پي جدا، سا ديد خود دلدار جي.

غير ڏسڻ وارو ڏسڻ، غفلت آهہ گهنوار جي؛

پاڻ پيري ۾ رکي، لوُنءَ لوُنءَ ڪري لاچار جي.

لامڪاني ملڪ لئہ، دل اُها اعتبار جي؛

گهارڻ ڇڏي پاڙڻ سنڌو، سڙ ٻڙ نہ رکي سنسار جي.

سپنو سميٽيو سڌ پيئي "شري پرمانند" پنڌار جي؛

جاڳي جوت سروپ ۾، تار ملي بي تار جي.

٥. "پرمانند" پڳا بند، ڪليا ٻڌر جا اُمنگ،
ڇڏي اوريان پريان پنڌ، سو ميدان اِهو آهه.

* ديدن ۾ آءِ *

سلوڪ-

دم دم ديوانو، دوست جي ديدار ڪيو،
سڻي صفت سڄڻ جي، ٿيو بيحد ٻهانو،
مڃي سڀ ميدان ٿيو، اُهو خوديءَ جو خانو،
روح ٿيو روانو، "پرمانند" پد پار ڏي.

ڪافي (٣٣)

سڄڻ تنهنجي تصوير،
مان ڪي وري ديدن ۾ آءِ،
ديدن ۾ آءِ، رمزن ۾ آءِ. ٽيڪ.

١. وسن مينگهه ملهار جا ٿا، ڏڏي لڳي ٿي هير.
٢. صبح سانجهيءَ وات گهڻ ۾،
ور ور چڙهي ٿي ويرَ.
٣. نشو نڪي نئو وٺي پيو، سرت رکي جن سير.
٤. ڏکيا ڏينهن ڏهاڳ لنگهي ويا،
فارغ ڪيو آ فقير.
٥. پل پل "پرمانند" پسن ٿا، ٻرن بازارين پير.

* دڳائي *

لوڪ ـ

ڻڳو سٽاپـو سڪ ڪـي، ساڪي شبد سوهنگـ؛
ڻهن ويس وڏائي ڪي ڇڏي، ڌاريو پوڳه ڀهنگـ؛
يت ڇڏي ڇيڻن ٽيو، جيڻن جل مليو ٽرنگـ؛
پـرمانند" نهسنگـ، سم رهي هر حال ۾.

ڪافي (٣٦)

ملڪ ٽه ويجهو ٽو وسي وسي،
پر دئي ويڻي آء دسي دسي. ٽيڪ

. بـيغم بـيحد ملڪ آسانجـو،
مايا ڪيو هٽ ڏاپو ماندو؛
خيال وڻائين سي ڪسي ڪسي - اها دڳائي ....

. ڏڪه ٽـه جدائيءَ جا ڏايا جاني،
فڪر اُنهيءَ ۾ ٽي ڪو فـاني؛
نه ٽه پوء ڪنديڻ ٽوُن هسي هسي - اها دڳائي....

. ملڻ جڏهن محبوُب جو ٽيندء،
گهٽجڻ وڃڻ وسري ويندء؛
پوء ڪير ڦاهيءَ ۾ ڦسي ڦسي - اها دڳائي ....

. پـاڻ اَصل " پـرمانند" آهـي،
خودي ڪيي جيڪو لڏو لائي.
ڪمر بـيهي ڪو ڪسي ڪسي،
نه ٽه دڳائي ويڻي آء دسي دسي - اها دڳائي ....

* گونگي ٽهي *

سلوڪ-

چت چوڻ ڪون چپ ڪئي، من مٺي ويو؛
اندريون ڏسن ڪينڪي، جو آهي ڪونه ٻيو؛
جڏي ڇوهه ويو، "پرمانند" پد نرباڻ ۾.

شبد (٣٥)

آنند جي ڀنڊار ۾، ڪر گونگي ٽهي ڏئي؛
گونگي ٽهي ڏئي نه آدا لنهنجو موڪه ٿئي.

١. لاهي لٿا لوپ جا، موهه ڪي موڪل ڏئي؛
خوديءَ واري خواب مون، نڪري ايندا ڪي.

٢. ڀهتا سي ڀرپات ڪي، جني ساڻوڻ سير وهي؛
گل ڦل چونڊي گيان جا، غيب ۾ غوطو ڏئي.

٣. اندر لالڻون لال ٿي، اندر چنڊ چڙهي؛
اندر آب حيات ٿي، اندر ناهه نهي.

٤. ٻولڻ ٻڌڻ معاف ٿئي، جڏهن آئمن ڏيان ڌري؛
حد جڏي بيحد ٿيا، هاڻي ڪٿا ڪير ڪري.

٥. ٻڌ رو "پرمانند" ٿئي، جڏي رهبر راهه ڏسي؛
ڳجهه ڳجهائيءَ جا ويا، هاڻي حاضر هئن ٿي.

* دل ۾ ديدار *

ﻮ-

ندي درياهہ جي، ڪو ٽري سير سوُنهار:
دل ڪمل مان، ٺو برسي ميگهہ ملهار:
جاڳي جڳہ مڳي، وڄي آنند جهنڪار:
ِمانند" اِسرار، آهي آندر عام جي.

شبد (۳۸)

ڏٺو دل مان ديدار، پاٺو پاڻ مان اِسرار:
ِل پل پرين ٿيو نروار، درشن دائما هو جي-
ٽيڪ.

ڪي چون مٿرا ۾ موهن، ڪي هري هردوار جي:
ڪن لڌو لوچي آندر مان، ساڪي سرجڻهار.
ڪي دنيا کان ڏار ٿيا، ڪي رهن لاچار جي:
ڪي ڪٿي سي ڪاپڙا، سمٿا پائن سار.
ڪي جپي ٽپ پاٺ ڪن،
ڪي جوڳہ جڳت ويچار جي:
ڪي سچ وسٿوَ جي وچ ۾، ماڻن موُج اپار.
پاڻ مان پرڪاش ٿيڙو، پاڻ مان اوتار جي:
پاڻ مان پنج ٽتو ٿيڙا، پاڻ پاٺو پار.
رو ٿہ سمرٿ ديو مليو، مستِرام من ڻار جي:
جن "پرمانند" شرڻ آيو، رکي صدق سچار.

* ڪنهنڪي ناهين *

سلوڪ -

جوڳيءَ جڳت ڪري، جيٽيو هن جهان کي؛
راز روحانيءَ لئي، ٿو رائيون ڏينهن ڦري؛
ڪال ڪرم جو ڪوتوال، ڪنهنکي ڏسي ڏري؛
سهج سمان ڏري، دائم "پرمانند" ٿيو.

ڪافي (٣٧)

جنهن جي ڪنهن کي ناهين ڪل،
اُلي عاشق ويا ٿي اجهل. ٽيڪ.

١. ماڻهن ليکي معامرو، اُلي سورهن ڪيڙا سل؛
جنهنجي ڪنهنکي ناهين ڪل.

٢. ڦاهي ڦاٿين پاڻيهي، ڏسي ڏائڻ جا ڇل ول؛
جنهنجي ڪنهنکي ناهين ڪل.

٣. جاڳي پنهنجي جوش مان، ڪي پاڙين واري پل؛
جنهنجي ڪنهنکي ناهين ڪل.

٤. گس گرن جي گهيرمون، پڌ هڪڙائيءَ جا هل؛
جنهنجي ڪنهنکي ناهين ڪل.

٥. فارغ ٿيا سي فرض کون، پائي "پرمانند" پل پل؛
جنهنجي ڪنهنکي ناهين ڪل.

* ڳالھہ پراڻي *

...لوڪ- جاڳہ اُٿي ڪر ياد، سھڻ صبر ناٿہ ڪو؛
اَڪيوُن آليوُن ڪر آھہ، پڙوٽي ڪي وڪاد؛
پيائي ڪر برباد تہ پڌ رو "پرمانند" ٿئي.

ڪافي (۴۰)

ھيءَ آھي ڳالھہ پراڻي،
ڪا سمجھي دل سياڻي. ٽيڪ.

. خود اِنسان جھان جي اندر،
پرين ڪئي پڌرائي؛
ڪا سمجھي دل سياڻي.

. مان تُوُن وارو ملڪ معاملو،
ھي سڀ ڪوُڙ ڪھاڻي؛
ڪا سمجھي دل سياڻي.

. نوُن ڪنڊن جو نوُر سھي ڪر،
رمز لڪي ڪو روحاني؛
ڪا سمجھي دل سياڻي.

. مفت مٺائي محبت جي آ،
جنھن ۾ لڳي نہ سيڌو پاڻي؛
ڪا سمجھي دل سياڻي.

. عجب ڏٺي گھنگھور گگن جي،
"پرمانند" پڇاڻي؛
ڪا سمجھي دل سياڻي.

* هيڪل هڪ *

سلوڪ -

سوهڻ سماڌي جن، سي جاڳن ڪيئن جتن سا
اُتندي وهندي گهمندي، ڏا ڳوڙهيؤن نندان ڪ
سي ڪيئن پنڌ پؤن، جي پهتل "پرمانند"

ڪافي (٣٩)

هيڪل هڪ مان آهيان،
ڪنهن ڪي ڇئي ٻڌايان، حال هلايان. ٽيڪ
١. جيئن سپني ۾ سوين سانگ ٿيا،
پوُت بلائون نانگ واگهه ٿيا،
ڏسي سي روپ ڏرايان، حال هلايان
٢. جاڳڻ جو جڏي جتن ڪيو سي،
"سوهنگ" ساکي وچن پڙهيو سي،
پوء بازي پنهنجي پايان، حال هلايان
٣. آڪاش جي ترپي، پربت جي سوٽي،
چيتن سان وڃي لڳي آهه چوٽي؛
هاڻي گور گهر ڪير گهمايان، حال هلايان
٤. ڦيري ڦيريدار جي آئي،
وحدت جي جنهن واءِ گهلائي؛
او "هنسو هنس" اُڏايان، حال هلايان
٥. "پرمانند" پاڻ ڇڏ پويون،
سچ سٽايو سڪ سان سويون؛
پوئي پاڻ کي پايان، حال هلايان

* غـافـل *

ڪ

أٿـم ارمان، جو سمجهي ساڌن ڪينڪي؛
ف ۽ هلٽيءَ ۾، ڪن زمين جو آسمان؛
سان رڏن سان رکي، چڏي شير جـو شان؛
رمانند" بيان، ياد ڪرڻ ڪـان بس ڪئي.

ڪافي (۴۲)

دنيا جي دريـاهہ انـدر،
أهي غافل غوطا کائن ٿا؛
غافـل غوطـا کـائن ٿـا،
جيڪي وجهہ جا وقت وڃائن ٿا. ٽيڪ.

گريپ واس جـو گيان پلائي،
ڦوڪٽ ۾ ڦيرا ٿو پائي؛
لهـي نـہ پـد پـروان،
أهي پـوئين پـل پڇتائين ٿا.

سهسين سمجهہ بنا ٿيا سياڻا،
وس ويرين جي وڃي وڪاڻا؛
ڪنيون ڪام ڪمان،
ڏن ڏي وارون وار وسائن ٿا.

* فلڪ *

سلوڪ-

ستن نجاهہ ساراهہ، سچي سورت ديو جي؛
جن مستيءَ جي ڪشتي ٻڌي، پار ڪيو آڙاهہ؛
حد ڇڏي بيحد ٿيو، پنهنجو پاڻ نرواهہ؛
"پرمانند" سماءَ، پيو آد جڳاد جو.

ڪافي (٣١)

ٻي فلڪائيءَ ۾ فلڪ، يار آٽي ڇو اٽو؟
دائم ديدن جي جهلڪ، يارماٽي ڇو نہ ٿو؟ ٽيڪ.

١. گيتا ۾ گاين ڪيائين،
موں ڪانسواءِ ٻون ٻيو ڪو ناهين؛
هن ٽن سندا نازا تعلق، يار آٽي ڇو اٽو؟

٢. پاڻ هو جڏي پسار نہ هو،
هيءَ مون ٻون وارو اِسرار نہ هو؛
اُٿي خيال منجهان ٿيڙي خلق، يار جاٽين ڇو نہ ٿو؟

٣. هڻڻ جنهنجو هر جاءِ آهي،
هرڪہ شوڪ ساڻ تنهنجو چاهي؛
لهرين ڦوٽن جي لڪ، يار آٽي ڇو اٽو؟

٤. ٻيڇ "پرمانند" ڪليو آهہ، گهاگهر ۾ ساگر مليو آهہ؛
پاڻ سڃاڻڻ جي پلڪ، يار جاٽي ڇو نہ ٿو؟

ڪافي (۴۳)

ن آهين ڪير اصل، رولن ۾ نہ رل. تيڪ
رو لنهنجو پنهنجن لنن جو لنهنڪي ڏسي نہ پل؛
ڏـون آهين ڪير اصل.

يا جو مزدوُر بـڻي، ڀولن ۾ نہ ڀل؛
ڏـون آهين ڪير اصل.

جيئري ٿو واڪا ڪيون، ڏينهن اجو ڪو ڪل؛
ڏـون آهين ڪير اصل.

دن واري راه وٺي، ڪر حق پنهنجو حاصل؛
ڏـون آهين ڪير اصل.

پـرمانند" پـڻہ پاڻ ۾، چڙڏي عام عقل؛
ڏـون آهين ڪير اصل.

* ڀـاڳم ڀـلارو *

ڪ سو ماڻي، ستـگر سندي سڪ ڪي؛
ڻ چڙڏي پـرليت سان، سر ڏـريءَ آڏي؛
رهي ڏنهن راهہ ۾، ڀي لاڻ ذڪا ڏـاڏي؛
مانند" واڏي، وچـن صبر جي سيج ڏي.

٣. جوڳي جنگم ڀيک ٻڌائن،
اُبٽا تـوپ مٿي ۾ پـائن؛
نيـهـن بـنـا نـادان،
جيڪي طلب اندر ٽڙڦائين ٿا.

۴. آتم گيان اندر جن ناهي،
ٻاهران ٻـڌ گيان ڳـالهائي؛
ٽن جـو کير کري آرمان،
جيڪي پير کهاڙو وهائن ٿـا.

٥. "پرمانند" ٻيھ پير ٽڪائي،
تـو تڪبر جي حاجت ناهي؛
نـنگـي ٿيندو نگـهبان،
جيڪي ٽوکل ٽرها ٽارن ٿا.

* سڄاڳي *

سلوڪ -

جهوُنـو جـڳياسي، اونهو ٿـئي ٻـڙ ڀـاڙ جيان؛
پـراڻو ٻاهـڻو پـوي،
جيئن جـهـرندڙ جاءِ خـاصي؛
"پـرمانند" پياسي، پـڌرو پـرک مان ٿـئي.

ڪافي (۴۵)

[cut off]س پنهنجو پاڻ نظارو،
ڪيڍي خيال خوديءَ جو سارو - ٽيڪ.

[cut off]شد ڪون معنيٰ وٺي، ڪر وحدت تي ڪوارو؛
[cut off]اي ديون دل جون، پس چوطرف چمڪارو.
[cut off]ڻ ۾ پيهي ڪري، ٿيءَ ڏوهه ڏکن کان نيارو؛
[cut off]م پور بازار ۾، آهي چڙهندڙن جو چاڙهو.
[cut off]م ۾ دم ٿي اُهو، جنهن ۾ رهين سوپارو؛
[cut off]ڪيڍي ڪٿ اندر جي، اُهو من سند و مونجهارو.
[cut off]ورت صاف صبحان جي، جالي جند نڪو ٽارو؛
[cut off]ند اُنهيءَ بهار ۾، لڳو لاهوتين جو لاڙو.
[cut off]اٽي پاڻ "پرمانند" ٿيو، ڏي حق حقيقي اِشارو؛
[cut off]ڙهي غيب گگن ٽي، ڪيو اوڏوٽن آڪاڙو.

* سفر *

[cut off]وڪ - چاهت چپايا، سروڻ ساڌن يوگ ٽپ؛
ڪرم ڪارڻ پوڳ سپ، سهجي سمايا؛
ڏسڻ ڏڌ ڻ پرتيت ٿيڻ، سا ايشور جي مايا؛
"پرمانند" وسايا، وطن بيغم پور جا.

شبد (۴۴)

ٿيو ڀاڳ کو ڀلارو، ستگر کيو سوڀارو،
ويڇي غمي دمي نکري،
سکن جو ڏينهن ڏهاڙو. ٿيو
۱. البيلا الساڻا، سڀ رنگ ۾ سيباڻ
تنهنجا ڳجها ڳول نہ جاڻان، ڏي هينئڙي ۾ اِشار
۲. سڀ سارن جو سار، سچي ڌرم جو پرچار
ڏيکي آندر جو اِسرار، وارث کجاڻ واڌار
۳. سمرٿ کيو کو سعيو، اِهو عرض مون آگهايو
لڏي لڙمون لنگهايو، وجهي ڀانئ کو ڀلار
۴. صفتان سامين سچن جون، کوڙين ياد اچن ٿيون
جنجون مهران رچن ٿيون، کليو آنند جو ڀنڊار
۵. اُپريو آندر اُجارو، ستگر سچو پڌاري
"پرمانند" کي لڳو پيارو، سڀ سنگين جو ستار

* نظارو *

سلوڪ- اُٺاهت ۾ اوٺ، آهي جن جي آلم
تنکي لڳي کانکا، چاه چنتا جي چوٽ
کڏي سٺيائون سرڪان، پاپ پڇ جي پوٽ
موجان کونڻيون کوٽ پسن "پرمانند" ٿي

پڇن (۴۷)

ي هڪ ئي اونڪار، نظر ڌري ڏوُن نوڙي نهار.
ڪار مون آدم ٿيو آهي، اُڪار مون ٿو ديو سڏائي
ڪار مون ٿيو مهان وستار - نظر ڌري ....
ڪ ڇون ٿا رت پون جو ڇولو،
سک دک جو آهي مانش گولو،
وڳي ڏو جي ڀوڳڻ هار - نظر ڌري ....
وکي ستگر شبد سڻايو، سروويا پي برهم بتايو،
ي نه ڪو جيو نڪو ڀوڳڻ هار - نظر ڌري ....
مک سو جو غير نه ڄاڻي،
لئہ چنتون ۾ موجان ماڻي،
ريا ڌي آڻي اعتبار - نظر ڌري ....
پرمانند" پڙ رو ٿيو پاڻي، اول آخر اوم وکاڻي،
چ ۾ مان ڏوُن جو وهنوار - نظر ڌري ....

* ڀاڳ مڌ جهاروُن *

ڪ -

ڏوُن ڇوين ڇگو ڏئي، مهي اصل جو آرام،
رويشن جي در ڏي، ڏيئي گولن جو به غلام،
سبق ڏابوُڻي سان، کيِ خيال خوديءَ جا خام،
يءِ مرغ ماڻهوءَ ۾، ڏسج آتم رام،
رمانند" پوءِ انعام، مليئي ملڪ آتم جو.

ڪافي (٣٦)

اسانجو سفر ٿيو سوپارو،
اُنهيءَ ڏينهن ورايو وارو - ٽيڪ.

١. بسنت بهار مانگهہ جي منڊ ۾، مليو ماڻو اوڪارو؛
ڪر ڪر ڪري جيئن ڪيز وڌي ٿو،
سنيري ٿيو سڄ سارو.

٢. سؤد و نقد بہ نقد ڪيوسي، ملهہ ڏنو موچارو؛
ڪيچ ڏيکي سائين سچ گڏوسي،
لڳو دائمي ڏاڙو.

٣. سڄ ٿيو سڄ ۾ سمايو، نظرون آيو نظارو؛
بنڌي ڳنڍڙي ڳوت ڏي،
وڃي ماٽيو ڪخت هزارو.

٤. واهہ واهہ جي واڌائي آئي، واهہ واهہ جو جهٽڪارو
واهہ واهہ جا واڪا وڳا، واهہ واهہ جو واڌارو.

٥. "پرمانند" چؤپار جي، اِهو هيو پريون پاڙو؛
اچڻ وڃڻ جي آنڪ وڃائي، ڪليو دسوون دوارو.

* آهي هڪ ڏي *

سلوڪ - بنا مؤرت سوجهہ، مؤرت جا مهراج جي.
چڏ نمونو نانهن جو، ڪاٺوڙي ٿي ڪوچ؛
اڪر چڏ ابوجهہ، معنيٰ منهجهہ محبت ٿيءَ.

ڀڄن (٤٩)

نهنجا سنگر ديو ڀڳوان، مان اهو گهران نت دان؛
ڏيو چرڻن جو مونکي ڌيان.
ڪ اُنندي وهندي شبد ڪمايان،
پيو شيوا ڪريان نشڪام؛
يون ڀڳتيءَ ڀاو ۾ ڀنل رهان،
چوٿون هردي آتم گيان.
آشا ترشنا مٽي وڃي سائين، رهي نه ديه اڀمان؛
ڪام ڪروڌ جو ڏنگ نه لاڳي، دک سک رهان سمان.
نردا سمتا پريم نمرتا، ڏيو شرد م وويڪ ويراڳ؛
هرڪه شوڪ کان رهان نيارو، ڄاڻي سپنو سارو جهان.
هت جوڙي اها وينتي ڪريان ٿو،
ڪيو مشڪل مون آسان؛
جنم مرڻ جو دکڙو مٽايو، پايان "پرمانند" نرباڻ.
— داس صابل

* موت جو ميدان *

ڪ - عادت ڏئي عاذاب، ڪلپنا ڪانئر ڪيو؛
آسڪتيءَ جي چار ۾، جڪڙيو جيءَ ويو؛
نڪو سنگي سات ٿيو، نڪو ناهه ڌڻيو؛
"پرمانند" پيو، پنو ٽن پرلوڪ ۾.

ڀڄن (٤٨)

پاڻ منجهارون پاڻ ٿيو،
ذڪر فڪر سڀ ڇڏي ڏناسي؛
لنؤ لڳي سچي سان لال لڌو.
پاڻ منجهارون ....

١. پاڻ ئي ڦنل پاڻ ئي ڦنل،
پاڻ بتي ۽ پاڻ ڏيئو - پاڻ منجهارون ....

٢. پاڻ ئي اصلي پاڻ ئي نقلي،
پاڻ مري ۽ پاڻ جيئي - پاڻ منجهارون ....

٣. پاڻ ئي ڳولهو، پاڻ ئي ڍولو،
پاڻ پائائين پاڻ ليئو - پاڻ منجهارون ....

٤. پاڻ ئي جوڳي پاڻ ئي ڀوڳي،
پاڻ ڪرم ۽ پاڻ ڪيئو - پاڻ منجهارون ....

٥. پاڻ ئي پياسو پاڻ ئي خاصو،
پاڻ ئي "پرمانند" ٿيو - پاڻ منجهارون ....

* پرارٿنا *

سلوڪ -
ستگر کي ارداس، شيوڪ هٿ جوڙي ڪري؛
ستگر پيارا ڪر ديا، جو مٽي اوديا ٿاس؛
اوهانجي چرڻن جي، سدا رهي مونکي پياس؛
جيڪي اوهانجا داس، صاحل داس به اُنهن مان.

* هينئڙي جو حال *

وڪ- سعيو ڪر سنجم سان، نيتيءَ سان نياءَ؛
پوترتا پرپل رکي، اڳتي قدم وڌاءَ؛
پوءِ تنهنجي جاءِ، "پرمانند" پنبار ۾.

ڪافي (٥١)

جيڏيون مونکي هينئڙي جو حال سڻايو؛
سرتيون مونکي سؤلو ڪو سبق پڙهايو. ٽيڪ
ڪيئن ته ڦٽايو نند نياڳي،
پريت پرينءَ لاءِ ڪيئن ٿو جاڳي؛
ڪيئن ٿيون ڪرم ڪمايو - هينئڙي جو....
ڏوهه گناهه ڪيا اٿم ڏاڍا،
بار بدين جا بيحد آڏا؛
پنهنجي خاڪ سان پاڪ بڻايو- هينئڙي جو....
شائق سچار ويا جنهن دڳ ڪان،
ناهين مجال وڃڻ تنهن سڳ ڪان؛
پنهنجي پنڌ سان پار لنگهايو- هينئڙي جو ...
"پرمانند" پسيا سي هنڌ،
سمرٿ سهڙ سان مٺيا پيو بند؛
رمز ۾ رمز ملايو- هينئڙي جو حال سڻايو.

ڪافي (٥٠)

بيحد ٻـلائيءِ کي ٻـاڻي،
ڏؤن ڪيڏن ڦري ٿو ڪيڏن ڦرين ۽

هن مـؤت جي ميدان ۾،
ڏؤن ڪيڏن ڦري ٿو ڪيڏن ڦرين. ٽيڪ

١. هوش جـي حالت ڇڏي،
ويـنين سؤرن کـي سڏي ۽
خوديءَ خواريءَ کـي ڇڏي،
هيڏن وري هيڏن ٿـو ورين.

٢. دور رکيہ هن ديـهہ ٿي،
پيڻہ پير ٻـرين کـان پوئتي ۽
دوست دسين ڏؤن بوهہ ٿي،
هڻہ هڻہ ڪيون هڻہ هڻہ ڪرين.

٣. سالڪن مٽي ڪيو زمانـو،
ملڪ مالڪ خـالـق ٻـانـهـو ۽
پاڻ ڏسي ٿيو پاڻ ديـوانو،
هيڏن ڪري هيڏن ٿـو ڪرين.

٤. ٻـرم جي ٻـولي ٻـلائي،
وڏءِ "ٻـرمـانـند" وچائـي ۽
جنهنـکي مرشد ويو جڳائي،
ٻـوءِ ڇو مري ڇـوٿو مرين.

* مسافر *

ڪ-
ڀ پڳتي، هردي رک گيان؛
ر سان شبوا، فاني ڏس جهان؛
ب ”پرمانند“ کي، جڏي نوڙي ٿئين نرٻاڻ؛
مالڪ ٿئي مهربان، پار ڪريئي پلڪ ۾.

ڪافي (٥٣)

هت پاڻ مسافر آهيون؛
هاڻي ناهه ڪهڙا پيا ڏاهيون. ٽيڪ
جڏي پيو اسانکي پور،
سليون ڪنهنکي وڇوڙي جو سور؛
هاڻي وائي نه ٻي ڪا واهيون. هت....
دم ٽي رکي قدم،
ٻيو ڪيون نٿا ڪوئي ڪم؛
هاڻي راز اِهيءَ ۾ رهايون. هت....
دل ۾ دلبر جو ٽيه دلاسو،
ٿنهنکان ڪيون نه هڪ پل پاسو؛
هاڻي ڪيئن ٻي ڪاڏي ڪاهيون. هت....
”پرمانند“ جي آس اِهائي،
هيڪر ماهي ڪريون هيڪڙائي؛
هاڻي پلو ڪهڙا ٻيا پايون. هت....

* ڀانڌي *

سلوڪ-

گرگم ڏهاڙو، پيارو پريمين کي لڳي؛
جن سمجهيو صدق سان، وڏو سچو سهارو؛
قدر سان قائم ڪيو، اهو هلڻ اوپارو؛
وهنوار ۾ گهربار ۾، رهي نيث جيان نيارو؛
تنهنکي سوپارو، ”پرمانند“ پورن ڪيو.

ڪافي (٥٢)

آيو ڏينهن سو ڏهاڙو،
ڀانڌي پار ڀوڻ جو؛
جوڳي جڳت ڪرڻ جو. ٽيڪ.

١. سنيري سعيو ڪجانءِ، ثابت سر رکجانءِ؛
غافل رهه نه گينوارو، آيو ڏينهن سو ڏهاڙو.

٢. برهه جون پار ڪي باهيون،
ساري سانگا سڳايون؛
ڀڃي پنڌ ڀڄو پاڙو، آيو ڏينهن سو ڏهاڙو.

٣. سوڪو ساڌو ٽيڻ، نڙڪا ڏاهه جا ٻڌڻ؛
اڪو هلڻ اوپارو، آيو ڏينهن سو ڏهاڙو.

٤. ”پرمانند“ ڀاڻ ۾، ڳوالهي لهه عام ۾؛
مهيني من جو موُنجهارو، آيو ڏينهن سو ڏهاڙو.

* پريم *

ڪ۔

رس ڀـ ڳهڙيـون، جيوت جاڻ جـڳت ۾؛
جهي سانسنگت مان، ڪٿ ڪرن جون ڪڙيون؛
ه پولائي جون پريون، ڪٿي ڳنديون ڪيتريون.

ڪافي (٥٥)

پرم ٻٽيو ڪيئن پولو،
ڳالهه اُنهيءَ ڪي ڳولهيو، وهم وڇولو. ٽيڪ.
پـڙهه پـڙهه پوٿي پاڻ نه جاڻـم،
پريـم پاڪ جو سڪ نه سڃاڻم؛
اِئين وڃايـم ويلو، وهم وڇولو.
سري ڳـر ڏي سنپري هل سائين،
تـن مـن ڏيئي منت ميائين؛
لاهه اندر جو اولو، وهم وڇولو.
دم دم ۾ رهه ديـد اُنهيءَ ۾،
دنيا ڪبنيا ڪاڙهه ڪنيءَ ۾؛
ڦور نه ٻيو ڪو ڦولو، وهم وڇولو.
سڪ جـو سرمو، لنؤ جـي لالي،
خاوند ريءَ ڏس جاء نه خـالي؛
محبت جو ٻڌ مولو، وهم وڇولو.
"پـرمـانند" ڏنـي پـڌ رائي،
چيتن جي چانڊاڻ ڪـڙي آئي؛
رمزن سان ويو رولو، وهم وڇولو.

* اوتار *

سلوڪ- ڪيو اُپڪار مهان، ستگرو ديو دَيا ڪري
سڌايو سواس سواس ۾، سوهنگ ريءَ زبان
اگيان اونڌهه نه رهي، ڏنو آتم گيان
ساري جيوَن شيوا ڪريان ارپيان من پراڻ
ٿين نه تل سمان، "پرمانند" ڀنڊار جي.

ڀڄن (٥٣)

ستگر اوتار ڌاريو، تو مُوريءَ لئي ڀو ٻُو پڌاريو.

١. سرگڻ شو روپ آهي، نرگڻ برهم روپ آهي؛
ساکي سڀ ۾ نهاريو، ستگر اوتار ڌاريو.

٢. گگن منڊل جي ٿالهي ڏاهي،
چندر سُورج جي جوت جڳائي؛
شرڌا جو ڌُوپ ٻاريو، ستگر اوتار ڌاريو.

٣. گل ڦل ورکا وسائي، چرڻن ۾ سيس نوائي؛
درشن سان دل کي ٺاريو، ستگر اوتار ڌاريو.

۴. گيان گنگا ۾ ٽٻڪي لائي، سوهنگ جو جاپ جپائي؛
اگيان اونڌهه نواريو، ستگر اوتار ڌاريو.

٥. ستسنگين جا ڀاڳ جاڳيا، جڏهڪي چرڻي شرڻي لاڳيا؛
ساگر سنسار تاريو، ستگر اوتار ڌاريو.

٦. "آنند ڀنڊار" آهي، انيڪ اتاهه آهي؛
گيان جو ديپڪ ٻاريو، ستگر اوتار ڌاريو.

نماڻو ناڻڪ

* ڪيھي ڪار *

ڪ-
ن جي ماڳہ ھلن، موڳا جيء جھان جا؛
وجھي واڳہ وھم جي، ٿا ٻرن ۾ ٻھڪن؛
ڪو ٻڌي حق جو، ڪوڙا قدر نہ ڪن؛
-رمانند" رھن، اھي آسري ايمان جي.

ڪافي (٥٧)

ڪيھي ڪار ڪمائين، ڏيان نٿو ڪو لائين.
ڪرم چڪر جو چالو ٽوٽي، ٿاڻو نہ ڪاٿي پائين؛
ٿوري جيئڻ جي خواھش ڦاس ۾،
ڪيڏو ٿو ڪيڏائين.
نالو پنھنجو روپ بہ پنھنجو، پنجن ٽتن جو پائين
بي انداز بحر جي اندر، جھاتي نٿو ڪا پائين.
پورڳہ ڏسي ڪري شانت اچيئي ٿي،
چت ايڪانت نہ چاھين؛
خاص خزانو پاڻ ويلي، ويڙو جھوٽا کائين.
پاڻ پڇي پڪ ڪرين نہ ڪائي،
سار روپ ٽون چاھين؛
لوڪ واشنا شوڪ واشنا، ھڪ اڏين ٻي ڍاھين.
"پرمانند" پاڻ ٿا ٽوڪي، ستگر ويد وڪاڻين؛
جائي ذات سھي ڪر سائي،
چو ٻي ڪاڏي ڪاھين!

* اسرار *

سلوڪ-

ڏسڻ ٻڌن ڏس ڏينهن، جتي رات رهيئي ڪانڪا،
نڪو ماڻهو ملڪ ڪو، نڪو شور نه شينهن؛
نڪا ڀچائين ڀوڪ ڪا، نڪو جنڊ نه ڊيڻهن؛
جتي مهرون وسي مينهن، لتي "پرمانند" پيغام تنيو.

ڪافي (٥٦)

آهي ان ڪو اسرار،
چا چئي مان چا ٻڌايان. ٽيڪ.

١. نظر نيڻن جي جاڏي ڪڏان تو،
آهي مورت عجب اپار؛
چا چئي مان چا ٻڌايان.

٢. حيرت حسن جي ڏس لون سدائين،
هوش رکي تي هوشيار؛
چا چئي مان چا ٻڌايان.

٣. سچ سڃاڻج غير نه ڄاڻج،
رکي رهت سان اعتبار؛
چا چئي مان چا ٻڌايان.

٤. "پرمانند" جي پياس جنهن کي،
ڪڍي خيال خوديءَ جو سو يار؛
چا چئي مان چا ٻڌايان.

* مرڻ سکر *

ڪ.

ت ماريو جن، سي جيئن ڪونہ جهان ۾؛
خوديءَ جي باب ۾، نت نوان خواب اهن؛
ـي راهن ٿـي، تـا هـر ساڻ هلن؛
مانند" پهچن، جي وڃي در دوستن جي.

ڪافي (٥٩)

رڻ سکر محبت اندر، توري جيئڻ مان ڇا ٿيو؛
وري جيئڻ مان ڇا ٿيو،
رهجهي رهڻ مان ڇا ٿيو. ٽيڪ.
لطان جهڙا بادشاه، قـارون جهڙا حادثا؛
وز ڏسين تو ناسٽا، ڳالهين ڪرڻ مان ڇا ٿيو.
بت ندوري لڳي، ترشنا لوائيءَ مان جڳي؛
ءِ ڪري ٻورن جان ڏڳي، آخر اُجائي ڇا ٿيو.
ر فنائي زر فنائي، تـر فنائيءَ ۾ رهي؛
ل فنائيءَ ڪانسواءِ، درويش ٿيو تہ ڇا ٿيو.
رڻ جي معنيٰ مڃي، وات ستگر کان وڃي؛
بي ڳالہ ڪر ڏوکت ڦـٽي،
پوٿين پڙهڻ مان ڇا ٿيو.
ڃي بيائي بند کي، وڃي پهچ "پرمانند" کي؛
هي سياڻچ سنڌ کي، بي پنڌ ڪرڻ مان ڇا ٿيو.

* بيخبري *

سلوڪ -

منٿ ميڙيندڙ مهر ڪر، ڏس نہ ڏوھہ ڏاتار؛
ياڙيم ڪونہ پٽ سان، جي ڪيم قول اِقرار؛
ڏکيا ڪوُھہ خريد ڪيا، ڇڏي "پرمانند" پنڊار؛
هاڻي سعيو ڪر ستار، جو واجهائيندي ويل وئي.

ڪافي (٥٨)

بيخبريءَ جوُن پلان پلان،
مان ڪنهنکي يار سايان - ٽيڪ.

١. ڏينهن گهڻا گمراھہ رهيا سين،
اوُکا اٺاوا پئي پنڌ ڪيا سي؛
حيوان بڻي هر هر پيو هلان. مان ....

٢. دئيءَ دنيا جي ڏاڍو ڏکايو،
وطن وڇوڙي ساھہ سکايو؛
جانب جدائيءَ ۾ پيو جلان. مان ....

٣. مرشد مليو "سترام" سائين،
دردن ڇڏي هيءَ دلڙي نماڻي؛
ڪوليوُن اوڏو تن آندر جوُن ڪلان. مان ....

٤. پڌم مبارڪان نيڻهن نغارا،
محبوُبن جي ملڻ جا ڏهاڙا،
ڏسي سڪر، سجڻ تنهنجا ڪين اليان مان ....

٥. "پرمانند" پئي پڪ ٿي ڪئي آءِ،
صوُرت اندر صاف سمجهي آءِ؛
هاڻي ڪري وڇوڙو ڪنهن سان ملان. مان ....

* مان ناهيان *

وڪ

ونجام چاڙهي، چت جي چڙهندي ڏني،
و رٿن ٽٽن جو، ڪري آنت نياري؛
ر روپ آپار ۾، پوي نہ ڪا ڳهاري؛
جي نيجي لبن ٽئي، جنهن ۾ وس ساري؛
بيعد بهاري، سمرت سمجهائي ڏني.

پيچن (٦١)

مان ناهيان، مان ٽہ ناهيان،
آهيان اصل ڪون جو آهي.

ٽن بہ ناهيان، من بہ ناهيان،
مال جوبن ڌن بہ ناهيان،
آهيان اصل ڪون جو آهي.

سٽ بہ ناهيان، پٽ بہ ناهيان،
خيالن واري جڏ بہ ناهيان،
آهيان اصل ڪون جو آهي.

ڪرم ناهيان، ڀرم ناهيان،
ديهہ اڌياسي ڌرم ناهيان،
آهيان اصل ڪون جو آهي.

* ڪچ ناهيون *

سلوڪ - هٿي تن هولي، جي سڙيا نہ سچائيءَ ڪُون؛
سُور سختين سوز لاءِ، جهلي جن جهولي؛
باهہ ۾ بحال ٿيا، جن ٻڌي نہ ٻي ٻولي؛
"پرمانند" پرولي، اُلٽي سمجهي عام آهہ.

ڪافي (٦٠)

آسان اُدا ڪچ ناهيُون،
واهڻ ڪي ٿا واهيُون - ٽيڪ.

١. دل دلبر سان ملي پئي آءِ،
ڏسي هي ڏيل نہ ڇانيُون؛
آسان اُدا ڪچ ناهيُون.

٢. ٻٽي ٻڌائي يار ڏياري، ڇالي ڀاڻ پڌايُون؛
آسان اُدا ڪچ ناهيُون.

٣. سختيُون سُور سهي سڀ سرٽي،
مجلس ڪي ٿا ملهايُون؛
آسان اُدا ڪچ ناهيُون.

٤. دم پل جو ديدار ڪري، پوءِ وڃي ٿا وطن وسايُون
آسان اُدا ڪچ ناهيُون.

٥. لڏي ويا لاهُوت ڏي عاشق،
"پرمانند" پوءِ پيائُون؛
آسان اُدا ڪچ ناهيُون.

* گمان *

ڪ -

ـا دويت دولت، اـڪ لڪائي ستگروءَ؛

ي ڏٺي جنهن پنهنجي صُورت منجهه مُورت؛

ي نه رتيءَ جيتري باقي هير هجت؛

ه سڌ اِسٿت جاڻي پنهنجو پاڻ ڪي.

ڪافي (٦٢)

چڏي گمان گدائيءَ جو،

شملو ڪڏي پڏ شاهيءَ جو.

اصلي صُورت تـوُن صبحانـي،

سڪل ڪرڻ آئيـن سڪلاني؛

ڌاري سانگ سپاهيءَ جو. چڏي ....

گهٽ اوگهٽ آڪاش ۾ ناهي،

هرهنڌ هـوُ تو پاڻ پسائي؛

خيال ڦٽو ڪر ڪاهيءَ جو. چڏي ....

ڌياني رهن ٿا ڌيان جي حد ۾،

ڪرمي رهن ٿا ڪرم جي مڌ ۾؛

ويراڳـه رهي هيڪائيءَ جو. چڏي ....

"پرمانند" جي ٻاڻ سچائي،

غئر ڪيي نج جاڻ ڪي جاڻي؛

پوءِ جادو نه رهي جدائيءَ جو. چڏي ....

٤. ڏينهن نـاهيان، رات نـاهيان،
مون ٽون واري ذات ناهيان،
آهيان اصل ڪون جـو آهي.

٥. هرش نـاهيان، شوڪ نـاهيان،
ٽياڳي ناهيان گرهست ناهيان،
آهيان اصل ڪون جـو آهي.

٦. سچ بہ ناهيان، چنڊ بہ ناهيان،
ڪال چڪر جو جنڊ بہ ناهيان،
آهيان اصل ڪون جـو آهي.

٧. جيـوُ نـاهيان، ايش نـاهيان،
مايـا اوديـا ڪيس نـاهيان،
آهيان اصل ڪون جـو آهي.

٨. سروگيہ نـاهيان، الپگيہ نـاهيان،
پنڊت ڪنهنجي جو پوئـلـڳہ ناهيان،
آهيان اصل ڪون جـو آهي.

٩. آيل نـاهيان، جـايل نـاهيان،
"پرمانند" خود پـايل نـاهيان،
آهيان اصل ڪون جـو آهي.

ڪافي (٦٤)

آيا اَچڻ جا نہ آگام، تو ڪيا کهڙا ڪام ٽيڪ

وينين وساري وسنو نهاري،
جڳ تہ گذاريئہ جام؛
تو ڪيا کهڙا ڪام.

منزل ماندي ڪيئہ هيڪاندي،
دل تہ دنيا جي دام؛
تو ڪيا کهڙا ڪام.

دردوندن جو سمجهڻ سهنجو،
رڳہ رڳہ پولن رام؛
تو ڪيا کهڙا ڪام.

" پرمانند " پسڻ جا هنڌ،
پؤ ستگر جي شام؛
تو ڪيا کهڙا ڪام.

* آنند جي پنبار *

ڪ- محبت وارن جي مت ڪونهي،
مگر محبت اُها ڪا ٿي؛

صدق وارو بہ گهٽ ڪونهي،
مگر ثابت صدق ڪا ٿي؛

قربانيءَ جو ڪو هٽ ڪونهي،
مگر قربان ٿيڻ ڪا ٿي؛

* صحبت *

سلوڪ-

ثـابت ستسنگي، ڏسي نہ ڏوهـي ڏيـهہ ۾؛
رهـي پنهنجي حال ۾، رائيون ڏينهن رنگي؛
چنتا چـاهہ لنگهي، پـهتو "پـرمانـنـد" ۾.

ڪافي (٦٣)

صحبت جا سامان ڪري،
وحدت اندر وياسي. ٽيڪ.

١. خودي ڪيي يڪ خيال رکي،
جڏي مـرشد ساڻ مليا سي.

٢. ٻـول ٻڏي پيا ڀـول ڀڄي،
اُهي گم سڀ غم ڪيا سي.

٣. ڏمڻ ٻـڏڻ سڀ سڱل ٿيو،
اُهي ساکي صاف ٿيا سي.

٤. دٻڏيا جي درياهہ مـون،
"پـرمانند" پار پيا سي.

* آگام *

سلوڪ-

سٽي سر مانـگو، گهڙي ڏس گـلزار ڏي؛
گينواري گمراهہ ۾، مٽان بت ڪريـن ڀانـگو؛
وسون وڃائج ڪينڪي، هي لنگهڻ جو لانگهو؛
"پـرمـانند" مهانگو، ملڻ مانش ديـهہ جـو.

کلجگ ٿو قهر ڪمائي،
بر ۾ پيو پلا پلائي؛
گرگ جو گيان وڃائي،
من جو متو ڪري اختيار. اچي ....

"پرمانند" جي پاڻ ۾ پيهي،
آيو لڙ ڪان لوڪ لنگهيئي؛
رهجي سپ سان سهج سنيهي،
ٿيندو سمرٿ پاڻ سنار. اچي ....

* سچو شيواڌاري *

وڪ -

رس شيواڌاري، سوکيم هن سنسار ۾؛
سهن سوايو سر تي، ته به نه ڪرٽ نيزاري؛
ويهي وراهين وچ ۾، ته ثابت سچاري؛
بيهن بازارين برن ۾، ته به خالص خماري؛
اچن عجيبن جي اکيان، ته به اُنم انڪاري؛
بولن بيائي ري شدا، لوُن لوُن جن ڌاري؛
ن تي پنڌاري، ٿئي آسيس آنند ڌام جي.

ڪافي (٦٦)

پائي دوارڪا داس پيارو،
جنهن شيوا ڪري من ٺاريو.
پائي دوارڪا داس پيارو - ٽيڪ.

خيالن واري ڪـي لت ڪونهي؛
مـگر خود خيال آ ڪاٿي؛
"پرمانند" نورجو ڪووٺ ڪونهي؛
مـگر نـوڪل نرڻ ڪاٿي.

ڪافي (٦٥)

اَچي نـوڪي آنند جي پنڊار،
جنهن ۾ درست رهڻ درڪار؛
ثـابت سڪ کي ڪيئن وسار،
متان پوءِ ٿـئين گـرفـتار. ٽيڪ

١. جي نوکي ترت نرڻ جي آهي،
هلجانءِ رهت سچيءَ سان ڪاهي؛
ڇڏجانءِ تن جو تڪبر لاهي،
پـوءِ حقي ٿيندين حقدار. اَچي ....

٢. روح جي رمز راز کي پائي،
اَڳـہ ڪـان اڳـتي قـدم وڌائي؛
متان ڌس ڌس ۾ ڏينهن لاهي،
ڦـورو ڦـري ڪندءِ لاچار. اَچي ....

٣. چت جي چال ٿي رنگا رنگي،
ڪڏهن طلب نـہ ڪڏهن تـنگي؛
ڪڏهن هاي راهہ اڙنگي،
ڪڏهـن آڏ ۾ ڪري اهنڪار. اَچي ....

* اُپـريـو سـچ *

ڪ- ايڪهتر آنـتر، رهيو نـہ رام رحيم ۾؛
جاڻ جاڏ ـٺهار تي، چڙي جاپ جنتر؛
"پرمانند" پتنتر، ٻيڙو پاڻ پسي پيو.

ڄن صوفي ڍنگہ ني (٦٧)

پـريو سچ حقيقت وارو،
ڪارن جو سڀ ڪاب ويو- ٽيڪ
روشن ذهن روحاني آيـو،
خيالن جـو سڀ خواب ويـو.
ل ۾ پـورا ٿيا سڀ ساڌن،
سمرٿ جـو سرتـاج رهيو؛
جيڪي ڪيو سو پـاڻ ٿيو،
هاڻي ڏوه نہ ڪوئي ثواب رهيو.
ٿياڳـہ ڪرڻ وهنوار رهـڻ،
هـاڃي نـہ اِن ۾ لاڀ رهيو.
مقصد "پـرمانند" سڃاتـو،
مت نـہ پنڊت حجاب رهيو.

* پـريـم جـو ساگر *

ڪ- پنجونجاه پورو، پرچو ٿيو پرين سان؛
اُتي اندر مان ويو آهنگ اڌورو؛
پـنج پنجن ۾ مليا ۽ ايڪي ۾ زيرو؛

١. سؤن سنگين ۾ سمنا وارو،
پريم نيم ۾ سڀ کان نيارو؛
رکي اون آشرم جو سارو،
پائي دوارڪا داس پيارو.

٢. اُپديش وٽي ايڪانت کيائين،
سوارٿ ڇڏي سچ سار ڪنيائين؛
ويهه سال وچايو جنهن وارو،
پائي دوارڪا داس پيارو.

٣. دم دم دکاري پريندو پيرا،
پرُاپڪار جا پائيندو ڦيرا؛
ڪري هرڪه شوڪ کان ڪنارو،
پائي دوارڪا داس پيارو.

٤. ورسيءَ ۾ وشرام ورتائين،
سمرٿ جن جو پد پاتائين؛
ڦل شيوا سندو نه ڦولاريو،
پائي دوارڪا داس پيارو.

٥. گرٺ گرمک جا ياد آهن ٿا،
پورا پاو جنهنجا کين پلن ٿا؛
پالو "پرمانند" پنڊارو،
پائي دوارڪا داس پيارو.

* نت سکي رهي *

ڪ-

...جاهي ڇاپ، ڇائي تن بدن ڏي؛
ڪوڪ ڪئلاش ڏان جنهنجي حد نه ماپ؛
ڪال ڪرم ڪو، نڪي تيـنـي ٽاپ؛
جاپ آجاپ، پرلڪشيه "پرمانند" ٿيو.

ڪافي (٦٩)

نت سکي رهو شال جائي، ستسنگي ۾ گر پائي!
رهت سچي سان اوم اُچاريو،
سوهنگه سوهنگه ڪري چت ڏي چاڙهيو؛
رهي نه رنج جدائي، ستسنگي ۾ گر پائي!
هي جڳه جيو ايش جي ڇايا،
جنهن کي چون موهه ۽ مايا؛
ڪٽيو ڪرم جي ڪائي، ستسنگي ۾ گر پائي!
من کي پراڻايام سان جوڙيو،
ريچڪ ۽ ڪنڀڪ سان موڙيو؛
انيو ٿئي نه اچائي، ستسنگي ۾ گر پائي!
نشچو آتم رام جو رکجو،
سرڳڻ ۽ نرڳڻ کي لکجو؛
ور ور ملي واڌائي، ستسنگي ۾ گر پائي!
ڪافيون ۽ اُپديش هندايو،
گونا گون گجهن کي پايو؛
"پرمانند" پس شاهي، ستسنگي ۾ گر پائي!

ملڻ ۾ وچڙڻ جو ويو وهم وسرو؛
بيحد ڀرپور، "پرمانند" ٿيو پاڻ ۾.

ڀڄن (٦٨)

پريم جو ساگر پورن پرمانند،
ڀڳتيءَ جو ڀنڊار سواءِ؛
آنند رشي نياڳي تپسوي، گرهست سندو گلزار.
١. عاشق آهي عجب اُداسي،
چمڪي چند رمان چد آڪاسي؛
سرو ڪلا سمرٿ سنياسي، ديا مئي داتار.
٢. رشي راجا سرڳ نواسي،
برج بهاري آهي بنواسي؛
جڳ سچدانند ابلاسي، ڪونا جو ڪرتار.
٣. گياني ڌياني عقلي اڪابر،
نيتي مريادا جو سيٺ سوداگر؛
پنڊت پنيت فقير گداگر، هر منزل هسوار.
٤. ڀلا ڀاڳ اسان جا ڀائي،
گپت گيان جي مهر وسائي؛
گنگا ڪناري ڪٽيا بڻائي، دل سان ڏنو ديدار.
٥. وڏيل مهما سائينءَ جي جيڏي،
چئي نه سگهندي جيڀا ايڏي؛
ڪيڏي چئي مان چوندس ڪيڏي الک آهي اوتار.

* برهمچريه *

…وڪ-

…ي پسڻ چاهين پر جو، نه رکه ويريه رکيا ڏانهن رخ؛
…ا ڏيئي جيءَ کي، ٿون اندريون روڪڻ سکه؛
…ڳه واسنا ڪسنگه جون، پانءِ ج ٿـنکي وکه؛
…پرمانند" پـرکه نه سکه سان ساگر پار ڏيئين.

ڪوتـا ۽ پرتگيا (٧١)

